ڪلام عثمان فقير سانگي

مرتب

ڊاڪٽر نواز علي شوق

شاهہ نصير الدين ادبي ۽ ثقافتي ڪاميٽي

نوشهرو فيروز

2004

ڪلام

عثمان فقير سانگي

مرتب

ڊاڪٽر نواز علي شوق

ڊيجيٽل ڪمپوزنگ

فقير طارق حيات لاشاري

شاهہ نصير الدين ادبي ۽ ثقافتي ڪاميٽي

نوشهرو فيروز

2004

سپ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب	: ڪلام عثمان فقير سانگي
مرتب	: ڊاڪٽر نواز علي شوق
ڇاپو	: پهريون
سال	: مئي 2004ع
تعداد	: هڪ هزار
ڪمپوزنگ	: فقير طارق حيات لاشاري
رابطو	: tariq.lashari@gmail.com

Kalam Usman Faqir Sangi

Compiled by: Dr. Nawaz Ali Shouq

Digital Composing: Faqir Tariq Hayat Lashari

Published by: Shah Nasir Literary and Cultural Committee, Noushero Feroz

Year: 2004

ٻه اکـــر

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته عثمان فقير سانگي ۽ خوش خير محمد هيسباڻيءَ کي سنڌي توڙي سرائڪي ڪافيءَ ۾ اعليٰ مقام حاصل آهي. عثمان فقير عارف عبدالحي نقشبندي جو طالب هو. خوش خير محمد هيسباڻي سندس دوست هو. هيسباڻي فقير کي عثمان فقير سانگي سائين عبدالحي ڀنهي طالبن کي تمام گهڻو پيارو گهرندو هو. سندس نظر فيض اثر سبب ٻئي طالب جاڙا چنڊ تي چمڪڻ لڳا. سندن سهڻي شاعري سنڌ جي هر وستي ۽ واهڻ کي واسي ڇڏيو.

خوش خير محمد جو ڪلام ڊاڪٽر تنوير عباسي مرحوم وڏي محنت ۽ محبت سان تيار ڪيو. جيڪو ادبي بورڊ ڇاپي پڌرو ڪيو. پر عثمان فقير تي ڪو معياري ڪم ٿي نه سگهيو آهي. ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ کي آفرين آهي جو هن عثمان فقير جو ڪلام ڪنو ڪري ڇپرايو. پر ان ڪتاب ۾ هڪ ته ڪلام ٿورو هو ۽ ٻيو ته ان ۾ کي نقص رهجي ويا هئا، تنهن ڪري اهو ضروري هو ته عثمان فقير جو ڪلام نئين سر سڌاري سنواري ڇپرايو وڃي. اهو ئي سبب آهي جو مون مختلف بياض پيٽي هيءُ ڪتاب تيار ڪيو آهي. پر هيءَ تحقيق ٻه حرف آخر نه آهي ڇو ته عثمان فقير جهڙي عظيم صوفي شاعر تي اڃا وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. خاص طور سندن سوانح حيات بابت تفصيلي معلومات ڏيڻ ۽ گم ٿيل ڪلام گڏ ڪرڻ تمام ضروري آهي.

عثمان فقير جي ڪلام ۾ جو ڪو ڪلمي مسودو نظر نه آيو. تنهن ڪري مختلف بياضن تان ميڙي چونڊي ڪري مسودو تيار ڪيم. ان سلسلي ۾ هيٺيان بياض گهڻو مددگار ثابت ٿيا.

1. بياض خوشيرام سودائي: مملوڪ ميان غوث محمد گوهر پيرزادو، ميان صاحب مهرباني ڪري ان جي فوٽو ڪاپي موڪلي ڏني.
2. ابڙان جي سيدن وارو بياض: ان بياض جي فوٽو ڪاپي محترم بشير احمد هيسباڻي موڪلي ڏني.
3. مرحوم الله بخش انصاريءَ جي توسط سان لاڙڪاڻي جي هڪ همراهه وٽان هڪ نوٽ بڪ مليو، جنهن ۾ ويهارو کن ڪافيون قلمبند ٿيل هيون.

4. موسيٰ فقير سومري وارو بياض: هن بياض تا محترم خادم عباسي عثمان فقير جون ڪافيون نقل ڪري موڪليون.
5. بياض غوث علي شاه رضويؒ مملوڪ رضوي سادات روهڙي، ان بياض تان سائين عبدالحسين شاه موسوي عثمان فقير جون ڪافيون نقل ڪري مون کي آٽي ڏنيون.
6. بياض سيد نواب علي شاه سڪايل: مملوڪ سيد عبدالحسين شاه موسوي.
7. بياض چمن بينظير: مملوڪ محترم علي انور خان مهر.

ان کان علاوه پنهنجي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود ڪافي جي بياضن جو مطالعو ڪري، انهن مان عثمان فقير جون ڪافيون نقل ڪيم. اهڙيءَ ريت هيءُ ڪتاب تيار ڪري پڙهندڙ آڏو پيش ڪري رهيو آهيان. محترم علي گل سانگي هڪ ملاقات دوران ٻڌايو هو ته عثمان فقير جو تمام گهڻو ڪلام هو. جيڪو 1942ع واري ٻوڏ ۾ ضايع ٿي ويو. پر، پوءِ به ڳولا ضرور ڪرڻ گهرجي. جنهن دوست وٽ عثمان فقير جو وڌيڪ ڪلام موجود هجي ته مهرباني ڪري موڪلي ڏي، ته جيئن ٻئي ڇاپي ۾ فقير صاحب جو گهڻي کان گهڻو ڪلام شامل ڪيو وڃي.

بهرحال، هن ڪتاب ۾ ميمڻ عبداالغفور سنڌيءَ جي ترتيب ڪتاب کان ٻيڻ کان به وڌيڪ ڪلام ڏنل آهي، پر پوءِ به اهو مڪمل چئي نه ٿو سگهجي.

ڪن دوستن بياض عنايت ڪا، ڪن سڄڻن منهنجي گذارش تي مختلف بياضن مان عثمان فقير جون ڪافيون نقل ڪري موڪليون. پير نصير الدين ۽ سيد طارق علي شاه جيلانيءَ هيءُ ڪتاب سهڻي نموني ڇپرائڻ پڌرو ڪيو.

مان سيني سڄڻن ساٿين جو ٿورائتو آهيان. جن مون سان وڏا وڙ ڪيا. انهن پيارن جو پيار ۽ محبت شامل نه هجي ها، ته مون کان هيءُ ڪتاب تيار ٿي نه سگهي ها.

(ڊاڪٽر نواز علي شوق)

مقدمو

سنڌ صدين کان علم ادب ۽ تمدن جو مرڪز رهي آهي. ديني مدرسن ۾ عالم علم جي آبياري ڪندا رهيا ته اديبن ۽ شاعرن ادب کي ترقي وٺرائي ته وري صوفي بزرگن پنهنجي خانقاهن ۾ ايڪي، اتحاد، ڀائپي، ڀائيچاري، امن ۽ انسان دوستيءَ جو درس ڏنو. ان جو سهڻو مثال صوفي دلپت جو هي بيت آهي:

جي پيہ ۾ پرميشور، ته ٻيہ ۾ ناه ٻيو،
مسجد ۽ مندر ۾، ٻري هڪ ڏيو،
دلپت ڪيئن پيو، خلل هن خلق ۾.

جڏهن سڙي سياست ڪاهي پوندي آهي ته خلق ۾ خلل پئجي ويندو آهي. مسجد منزل گاهہ واري مامري تي ممڻ متا، ڪيئي مارجي ويا. نتيجو ڇا نڪتو؟ محبت جي جاءِ تي نفرت والاري، ايڪتا وارو سهڻو سڳو ڇڄي پيو. افسوس جو اهو سک ساءُ واري سڳي کي ڪنهن اميري ڪانہ ڀاتي؟ صدين کان جڙيل سهڻو اڇو ۽ اجرو معاشرو ڪوجهو ڪنو، ميرو ۽ گدلو ٿي پيو. ويچارو وليداد افسوس ڪندي پنهنجي اندر جو آواز هن ريت پڌرو ڪيو:

جتي هنجهہ هئا، اُتي ڪانون ڪانگيرا ڪيا،
ويچارا وليداد چئي، ولر ڪري ويا،
اچي آل پيا، انهن اوطاقن ۾.

ٻنهي جهانن جي سردار مدني منٺار صلي الله عليہ وسلم جن جو قول آهي ته خبردار، توهان جي اندر ۾ هڪ اهڙو عضوو آهي، جنهن جي جيڪڏهن اوهان حفاظت نہ ڪئي ته توهان جو سڄو جسم خراب ٿي ويندو. اهو عضوو ”دل“ آهي. نبي سڳوري جي ان فرمان تي عمل ڪندي صوفي سڳورن دل جو آئينو صاف رکڻ جي تلقين ڪئي آهي. ڇو ته دل ڪعبو آهي. محبوب جو مسڪن آهي. دل مسجد آهي، من مندر آهي، تنهن ڪري ان کي پاڪ ۽ صاف رکڻو آهي. انساني دليون صاف هونديون ته معاشرو بہ

پاڪ هوندو. تاريخ شاهد آهي تہ وقت جي حاڪمن زور، ظلم ۽ ڏنڊي جي زور تي حڪومت ڪئي. پر صوفين پيار ۽ محبت ذريعي دلين تي حڪمراني ڪئي. هو ظاهر ۾ تہ فقير هئا، پر حقيقت ۾ شاهنشاهہ هئا. اهو ئي سبب آهي جو هنن فقيريءَ ۾ شهنشاهي ڪئي.

عثمان فقير سانگي بہ انهن مان هڪ هو. سندس ولادت 16 صفر 1197 هہ ڳوٺ ڄاماڻي سانگي ضلع لاڙڪاڻي ۾ ٿي. هن فارسي جي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. هو نوشهري جي صوفي بزرگ خواجہ عبدالحي نقشبندي جو مريد هو. ڪافي عرصو نوشهري ۾ رهيو. هُو اڪثر ڀٽ شاهہ ويندو رهندو هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سان ڪيس عقيدت هئي. فقير صاحب کي حضرت قلندر لعل شهباز سان بي پناهہ عقيدت هئي. هڪ روايت موجب هو سڄو سال اتي رهيو ۽ درگاهہ جو مٽيون پريندو رهيو. فقير عثمان جو والد خير محمد عربي فارسي جو ڄاڻو هو. پنهنجي ڳوٺ ۽ آسپاس جي طالبن کي قرآن شريف ۽ فارسي پڙهائيندو هو. هُو نيڪ ۽ پرهيزگار انسان هو. عثمان فقير هڪ تہ ننڍپڻ کان ئي روحانيت ڏانهن لاڙو رکندڙ هو. ويتر پنهنجي گهريلو ماحول ۽ صوفي سونهارن جي صحبت ڪيس سچو صوفي بڻايو. روزي نماز جو پابند هو. چون ٿا هو اڪثر الحمد شريف جو ورد ڪندو رهندو هو. مشهور صوفي بزرگ ۽ شاعر خوش خير محمد سندس گهرو دوست هو. ٻئي ڪافي عرصو نوشهري ۾ پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ رهيا. سنہ 1279هہ ۾ جڏهن عثمان فقير وصال ڪيو، تڏهن خوش خير محمد سندن وڇوڙي تي جيڪا ڪافي چئي، ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ خوش خير محمد جو عثمان فقير سان ڪيترو پيار هو. ان کان علاوه هن پنهنجي دوست جي شخصيت ۽ شاعريءَ جي جيڪا تعريف ڪئي آهي، سا سند جو درجو رکي ٿي.

"عثمان" عاشق آفرين، پنهنجو جسم پروان ڪيئہ،
طالبن جي طور ۾ نالو صحيح نيشان ڪيئہ.
غازي ڪنيئہ وک واه جي، سانگو رکيئہ نہ ساهہ جو،
توکي ذوق وجہ الله جو، واه درد جو درمان ڪيئہ.

غـــازي بوليئـــ گفتـــا گـــوهر، واه عاشـــقن کـــي ٿيـــو اثـــر،
اهـــڙو هُئـــين ســـالڪ ســـڌر، واه عشـــق جـــو اعـــلان ڪيئـــ.
تنهنجي درد دل خســتي ڪئـي، هرگـز نـــ تــو سســتي ڪئـي،
ثابــت ڪمــر بســتي ڪئــي، ســرهو مــري ميــدان ڪيئـــ.
تـــو هـــي ســـخن چيـــدا چيـــا، تـــاثير تـــن پيـــدا ڪيـــا،
شـــائق ٻـــڌي شـــيدا ٿيـــا، واه درد جـــو داســـتان ڪيئـــ.
”خـوش خيـر محمـد“ يـار جـو، هيـڙو پکـي تـنهن پـار جـو،
عاشـــق هئـــين اســـرار جـــو، اڏري وجـــي آشـــيا ڪيئـــ.

خوش خير محمد عثمان فقير جو دوست هو. روايت آهي تہ عثمان فقير ئي ڪيس نوشهري وٺي وي. جتي هو پير عبدالحي نقشبندي جو مريد ٿيو. خوش خير محمد پنهنجي ڪن ڪافين ۾ سائين عبدالحي نقشبندي سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. نموني طور سندس هڪ ڪافيءَ جا ڪجهہ شعر پيش ڪجن ٿا. جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو تہ اي طالب، تنهنجو محبوب تنهنجي من ۾ وسي ٿو، تو ۾ ئي تيرٿ ۽ تڪيو آهي. تنهن ڪري ٻيا تيرٿ تڪيا پيٽڻ گنگا، جمنا ۽ ڪاشي وڃڻ بجاءِ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پاءِ. سامي سڏائين ٿو تہ پوءِ ڪوڙ ۽ ڪروڊ چِڙي ڏي. مري جيءُ تہ جانب جو جمال ماڻيين. آخر شعر ۾ عشق جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ منهنجي مرشد عبدالحي ٻڌايو آهي تہ ٻنهي جهانن ۾ عشق ئي اعليٰ ۽ افضل آهي.

عشـــق جٽيـــا جـــس پايـــا هـــي، تـــس واه اســـلام جاڳايـــا هـــي.
ڪهـــان ري گنگـــا، ڪهـــان ري جمنـــا، ڪهـــان ري ڪاشـــي جايـــا هـــي.
تجهـــــ ۾ تڪيـــــا تجهـــــ ۾ تيـــــرٿ، آپ ۾ آپ ســـــمايا هـــــي.
هـــر ڪـــنهن اپٽـــي هـــردي انـــدر، پوجـــا ڪـــر قـــل پايـــا هـــي.
جـــاڳ جپيـــا جـــس نـــام صـــاحب ڪـــا، تـــس طالـــب تلـــڪ لڳايـــا هـــي.
ســـامي نـــام ســـڏاڪي، ڦـــر ڪـــوڙ ڪـــروڊ ڪمايـــا هـــي.
ســـائين لـــوڪ تـــ اســـنون ڪهيـــي جـــو، جيتـــي جـــي مرجايـــا هـــي.

”خيــــر محمـــد“ دونـــون جـــڳ ۾، عشـــق عجـــب ســـرمايا هـــي.
عاشـــق عبـــدالحي ميــــري گُــــر، ايــــوين آک ســــٽايا هــــي.

ڪافيءَ جو هڪ ٻيو مشهور شاعر رستم لغاري عثمان فقير جو دوست هو، سو عثمان فقير کيس نوشهري فيروز وٺي ويو. عاشق عبدالحي وصال ڪري ويو هو، تنهن ڪري رستم فقير شاهه نصير جو طالب ٿيو. هن تمام سهڻيون ڪافيون چيون آهن. عثمان فقير جي هڪ مشهور ڪافي آهي، جنهن ۾ صوفين جي تعريف ڪندي فرمايو آهي:

صــــوفي صــــافئون صــــاف، خيــــال ســــان الــــف جاڳــــائن تــــا،
اُهـــــــي خـــــــان خـــــــوديءَ کـــــــي کـــــــائن تـــــــا.

انهيءَ ڪافي کان متاثر ٿي، رستم فقير پڻ ساڳي ڪافيءَ پران هڪ ڪافي چئي آهي. جن پنهنجي انهيءَ ڪافي ۾ سامين جي ساراهه ڪندي، ملن، قاضين، پنڊتن ۽ برهمڻ جو ذڪر ڪندي ٻڌايو آهي ته انهن مان ڪي ٿورا پرجهه پروڙ رکن ٿا. ان کان پوءِ پنهنجي مرشد واري مسلڪ يعنيٰ نقشبندي بزرگن جي ساراهه ڪندي ٿو:

ســــامين ســــڪ ســــبيل، جســــمي جنــــگ مچــــائن تــــا،
اهـــــــي خـــــــان خـــــــوديءَ کـــــــي کـــــــائن تـــــــا.
مــــلان قاضــــي ٿيهــــ ئــــي پڙهيــــا، اهــــي آهــــن اکــــرين اڙيــــا،
کــــي صــــاحب تحصــــيل، ســــڪ جــــا ســــبق پڙهــــائن تــــا.
جهنــــگ ۾ جوســــي ســــڙيا شــــاهي، پــــٽ بــــرهمڻ ڪمــــي نــــ کــــائي،
تـــــن مـــــون کـــــي قليـــــل، پرجهـــــ واري ٻـــــڌ پـــــائن تـــــا.
ملنــــگ آهــــن مســــت مــــوالي، نيــــڻن وتــــن تــــا لايــــون لالــــي،
پريــــــون نــــــاد نفيــــــل، ٻــــــولي حــــــق ٻــــــڌائن تــــــا.

نقشبندي نرواري، خيال جي رکن خبرداري،
تن ۾ اتن تحليل، پدر پير نه پائن ٿا.
"رستم" ٿيءُ تون کل تئون قرباني، ڏسڻ اچي سڀ نور نوراني،
چڏ هئڻ جي حيل، فيض وارا فرمائن ٿا.

رستم فقير پنهنجي مرشد شاهه نصير جي شان ۾ جيڪا ڪافي چئي آهي، ان ۾ ڪين عشق جو اارباب سڏيندي ٻڌائي ٿو ته سندن فيض ساري فقير تي جاري آهي. ۽ هو پنهنجي طالبن جو خاص خيال رکي ٿو جتي نينهن جو نعرو سدائين وڄندو رهي ٿو ۽ پنهنجي طالبن کي پريت جا ڀر پيالا پياريندو رهي ٿو. ڪافي ملاحظه فرمايو:

عشق سندو ارباب، نقشبند نوشهرو نرواري،
فيض سندس آ فقير ساري تي، غير نه آهي گفتاري.
طلب وارن جي ترت لهي ٿو، پر داخت پو واري،
"شاهه نصير" جنهن دا نالا، طبل وڃي تڪراري،
شوق شراب شتاب پياري، جام جماعت ساري،
لاشڪ آ لاهوت "رستم" کي، سر صدق ڪيا سو واري.

انهيءَ ڪافيءَ جي پران شاهه نصير جي هڪ ٻئي عقيدت مند " موسيٰ فقير" هيءَ ڪافي چئي.

عشق سندو ارباب، نقشبند وچ نوشهري دي.
اسان داڳيل هو تنهن ديري دي.
"شاهه نصير" جنهين دا نالا، برهه پچيندا بيحد بالا،
وڏو آ جنگ جوابم شاهه علي شهزوري دي.
مئي دي مت اتائين آهين، صورت سانگي سر دي چاون،
جنهن دا هي هر تاب، جان جگر وچ جيري دي.

هـــن اڏيءَ تـــي ڪيئـــي آون، ڪـــڏ ڪـــڏ عاشـــق ڪنـــڌ ڪپـــاون،
ڪســـــي تـــــين ڪبـــــاب، هتئـــــون مـــــرد مٿيـــــري ڏي.
صـــدق ”موســيٰ“ لـــڪ وار اتـــاهون، محـــب مٿـــي مختيـــار اتـــاهون،
جـــنهن خـــتم ڪيتـــا ســـپ حجـــاب، توجـــہ نـــال تڪيـــري ڏي.

ٻيا بہ گهڻا ئي شاعر هن درگاهہ جا طالب هئا. جن عارف عبدالحي ۽ شاهہ نصير جي شان ۾ ڪافيون چيون، ميلا مچايا، مٿيون پريون، چوڪيون ڏنيون. مطلب تہ تہ عارف عبدالحي ۽ شاهہ نصير جي دور ۾ نوشهرو تصوف جو وڏو مرڪز هو. راڳ ويراڳ جون محفلون مچنديون هيون، عقيدت مندن، مريدن، ۽ طالبن جا ميڙا متل هوندا هئا. نوشهرو واقعي علم، عشق ۽ عرفان جو هڪ اهڙو مرڪز هو، جتان ڪيترن ئي طالبن کي فيض مليو.

پيرن فقيرن جي درگاهن تي صوفي فقير ويندا رهندا هئا. جتي راڳ ويراڳ جون محفلون متل هونديون هيون. خاص طور ڪنهن بزرگ جي ميڙي جي موقعي تي تہ پري پري جا ڳائڻا اچي عقيدت مان چوڪي ڏيندا هئا. ان ڪان علاوه هڪ ٻئي جون ڪافيون ٻڌي شاعر خاص هيرجي هڪ ٻئي سان ملڻ ۽ قربائتيون ڪچهريون ڪرڻ ويندا هئا. عثمان فقير ۽ خوش خير محمد فقير جو پاڻ ۾ نينهن جو ناتو هو. تنهن ڪري هڪ ٻئي ڪان متاثر ٿيا ۽ هڪ ٻئي جي پران ڪافيون چيائون. هتي ان جا مثال پيش ڪجن ٿا:

صـــوفي صـــافئون صـــاف، خيـــال ســـان الـــف جاڳـــائن ٿـــا. (عثمـــان فقيـــر)

ســـٽي پـــورب جـــو پيغـــام، ســـامي ســـنڪ وجـــائن ٿـــا. (خـــوش خيـــر محمـــد)

ڏاڍا لـــڪ ڪيتئہ ليئـــي پـــاوڻ دا، ڪيهـــا غـــرض پيـــوئي اٿ آوڻ دا. (عثمـــان فقيـــر)

ڪيا انصاف آڪان، تيڏي آوڻ دا، ڏاڍا لائق ڪيتئہ ليئي پاوڻ دا. (خوش خير محمد)

بيرنـــــگ بـــــي بيـــــان، اونهـــو بحـــر عشـــق جـــو آهـــي. (عثمـــان فقيـــر)

بيرنگيءَ جو بيان، کين عقل ۾ ايندو. (خوش خير محمد)

عثمان فقير جي هڪ مشهور ڪافيءَ جو ٿلهه آهي:

نشا نينهن پيتم نواب ڪنون، جند ڇٽ ڳئي ڏوهه ثواب ڪنون.

انهي ڪافي کان متاثر ٿي ڪري دريا خان زنگيجو جيڪا ڪافي چئي، ان جو ٿلهه پيش ڪجي ٿو:

جڏان پيتم ڪيف ڪلال ڪنون، جند ڇٽ ڳئي غير خيال ڪنون.

اهي ڪافيون ايڏيون مشهور ٿيون جو ڪن ٻين شاعرن قافيو بدلائي انهيءَ طرز تي ڪافيون چيون هن جا هيٺ ٻه مثال پيش ڪجن ٿا.

پڇو عشق خبر عطار ڪنون، شاهه شمس الحق دي يار ڪنون (خوش خير محمد)
پڇو عشق خبر شبير ڪنون، ملڪ عرب دي مير ڪنون. (مير امير علي ٽالپر)

بيشڪ علم، ايڪي ۽ الفت جو ذريعو آهي، اهو انسان ۽ انساني معاشري کي مثالي بڻائي ٿو. ڪي عالم سڳورا علم جو اهو اصلي مقصد سمجهي ان سنئين وات تي هلندا رهيا. پر ڪن ٻي وات ورتي، نتيجي ۾ فساد برپا ٿيا ۽ ڪيئي فرقا پيدا ٿيا. اهو ئي سبب آهي جو سچل سرمست بي اختيار چئي ڏنو:

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
سچ اوڏا ڪين آيا. عقل وارا عشق کي.

صوفي شاعرن عشق کي وڏي اهميت ڏني آهي. سندن چوڻ موجب هيءَ ڪائنات عشق جي ئي ڪري وجود ۾ آئي ته جيئن جانب جو جنسار جو جتي ڪتي نمودار ٿئي. وحدت مان ڪثرت ٿئي. پٽائي فرمايو آهي:

وحــــدتان ڪثـــرت ٿـــي، ڪثـــرت وحـــدت ڪـــل،
حـــق حقيقـــي هيڪـــڙو، وائـــي ٻـــي م پُـــل،
هـــو هلاچـــو هـــل، بـــالله ســـندو ســـڄڻين.

عشق جي اعليٰ شان بيان ڪندي سلطان باهو فرمايو آهي ته انسان ڪيڏا نه نادان آهن جو ايمان جي سلامتي جي ته دعا گهرن ٿا، عشق جي سلامتيءَ جي دعا نه ٿا گهرن. حالانڪ عشق جو مانُ ۽ شان گهڻو مٿاهون آهي.

فقير عثمان سانگي کي عشق جي اهميت جي خبر هئي. تنهنڪري هن ٻيا پنڌ پيچرا ۽ مامرا ڇڏي اها ئي عشق واري واٽ ورتي. عشق ڇا آهي؟ ان جي مڪمل وصف ڪوبه بيان ڪري نه ٿو سگهي، ڇو ته اهو اونهو سمنڊ آهي، مطلب ته اهو بي رنگ ۽ بي بيان آهي. اهو سبب آهي جو عثمان سانگي فرمايو آهي:

بـــي رنـــگ بـــي بيـــان، اونهـــو بحـــر عشـــق جـــو آهـــي،
جـــــن ملائـــــڪ جـــــاءِ نـــــه جـــــاتي،
طالـــــب ڪـــــن ٿـــــا تڪيـــــو تـــــاتي،
انهـــي جـــوءِ جـــوان، ڪوپـــا وينـــدا ڪـــي ڪـــي ڪـــاهي.

عثمان سانگي ٻڌائي ٿو ته عشق جي ذات ۽ صفات بيان ڪرڻ ڪنهن جي وس ۾ نه آهي. ان جا ڪيئي رنگ ۽ روپ آهي. اهو الائي ڇا آهي؟ اتي ڪچن جو ڪم نه آهي. سچا ئي ان سر سمجهي سگهن ٿا:

پڇـــو عشـــق جـــي نـــه ذات ، آهـــي ذات الائـــي ڇـــا؟
ڪـــڏهن ســـيد، ڪـــڏهن صـــيد، ڪـــڏهن قتـــل ڪـــربلا،

ڪڏهن ڪاسائي، ڪڏهن تيغ، ڪڏنهن ڪات الائي ڇا؟

ٻي هڪ ڪافي ۾ ٻڌائي ٿو ته عشق اويڙو آهي، سنئين وات سجاڻ سولي ڳالهه نه آهي، عشق ڇپ ڇپات اچي ٿو، اهو اتي وني وڃي ٿو، جتي دوئي ڪانهي، اهو هوڻ واري هستي ڊاهي ڇڏي ٿو. دل ۾ دلبر دوست کان سواءِ ٻيو ڪو به اچي نه ٿو سگهي. فرمائي ٿو ته:

عشـــق اويـــڙي ســـا راهـــ، مـــئن تـــان جاتـــا نهـــين،
عشـــق آيـــا ڪـــر ڇـــپ ڇپـــاتي، انـــدر ٻـــاهر ظـــاهر ذاتـــي،
عشـق عثمـان ڪـون نينـدا اتـاهين، نـاهي دوئـي دي جـاءِ جتـاهين،
هســـتي جـــون نينـــدا ڊاهـــ، غيـــر اتـــان آتـــا نهـــين.

انسان "احسن تقويم" جو تفسير آهي، مسجود ملائڪ آهي. جنهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجو روح ڦوڪيو ۽ فرمايو ته "الانسان سري و انا سره" يعنيٰ انسان منهنجو راز آهي ۽ مان انسان جو راز آهيان. اهو ئي سبب آهي جو صوفي بزرگن پنهنجي سهڻي ڪلام ذريعي انسان کي پاڻ سڃاڻ جي تلقين ڪئي آهي. چوڻي آهي ته "سڃاڻ، پريو سڃاڻ" انسان جيستائين پاڻ کي نه ٿو سڃاڻي ۽ پنهنجي مان مرتبي کان واقف نه آهي پوءِ هو حيوان ٻڻجي وڃي ٿو.

عثمان سانگي نصيحت ڪندي فرمائي ٿو ته اي انسان ڦهريون تون پاڻ سڃاڻ، پوءِ تون سڀ ڪجهه سڃاڻي سگهندين. الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت مطابق پيدا ڪيو آهي، تنهن ڪري تون پاڻ وساري اهو نظارو پسي سگهين ٿو. اهو پرين تو کان پري نه آهي. گهوٽ ته تنهنجي گهر ۾ آهي، پوءِ تون ٻئي طرف ڇو ٿو واجهائيندو وتين؟

ڦهريـــون ســـڄاڻج پـــاڻ، ســـيڪا صـــورت پـــوءِ ســـڃاڻين،
خلـق آدم صـورت سـارو، پـاڻ وسـاري ڪـر تـون نظـارو،
اهـــو ســـڻ اهجـــاڻ، جـــاڻ وڃـــائي پـــوءِ تـــون ڄـــاڻين،

گهوٽ آيو ٿي تنهنجي گهر ۾، وفي انفسڪم آهي اندر ۾،
منجهه وجود وٿاڻ، طرف ٻئي تون ڇو تون تاڙين.

خمريات، واري انهيءَ ساڳي عثمان سانگي تمام پياري ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هو شراب ڪي صفائي واري سرڪي يعنيٰ معرفت واري مئي سڏي ٿو ۽ اها جن ڪي نصيب ٿي. سي جڻ سلطان ٿي مٿن تي سر ڏئي سرخرو ٿين ٿا. متارا ميخاني ۾ اچي، بنان ڪرڪڻ ڪنجهڻ جي پنهنجو سر قربان ڪن ٿا. عثمان فقير فرمائي ٿو:

جنين پيتي آ صفائي سرڪي،
سر ڏين سلطان، مٿن تي مرڪي،
متارا مئخان ۾ آيا، سر ڪرن قربان ڪڏهن نہ ڪرڪي.

بيشڪ هن ڪائنات جي سونهن ۽ سينگار عورت آهي، علامہ اقبال فرمايو آهي:

وجود زن سي هي تصوير ڪائنات مين رنگ

سينگار جي شاعرن جلال ڪٽي ۽ ٻين عورت جي سونهن ۽ سنيگار جو جيڪو نقشو چٽيو آهي. ان جو ڪمال هندي ۽ سنڌيءَ شاعريءَ ۾ نظر ايندو. سينگار جي شاعرن عورت جا سورنهن سينگار اهڙي تہ خوبصورت ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيا آهن، جو اهو ڪلام پڙهڻ وقت تصور ئي تصور ۾ پڙهندڙ حسن جا جلوا پسندو رهي ٿو. فقير عثمان سانگي پنهنجي هڪ نهايت خوبصورت ڪافي ۾ گوري جي مختلف ڳهڻن جو ذڪر ڪندي محبوب جي حسن جي جنهن نموني تعريف ڪئي آهي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي، هن مختلف زيورن جي ذڪر سان گڏ، انهن جي خاص وصف بيان ڪندي محبوب جي سونهن جي ساراهہ تمام پياري ۽ نياري انداز ۾ بيان ڪئي آهي، اهي ڳهہ پياري پرينءَ کي تہ ڏاڍا سهڻا لڳن ٿا، پر هڪ عاشق جي دل ۾ عشق ۽

محبت جا نوان جذبا جاڳائين ٿا. عثمان فقير جي اها ڳهڻ واري ڪافي ملاحظ فرمايو ۽ سندس ذات ۽ ڏانءَ تي دل کولي داد ڏيو.

تـــــــون آن گـــــــل چمـــــــن گلـــــــزار،
محـــــب منــــو منتـــــار، عشـــــق عجـــــب اســـــرار.
ڪـــــنگڻ ڪلنگـــــي دار، تنهنجـــــا وڏولا وار،
تنهنجـــــي تائـــــت جـــــي ڏاڍي اتـــــم تـــــار،
ٻنگيـــــون هـــــٿن ٻنـــــگ جـــــيءَ ۾ رکـــــي جـــــار.

نـــــت بولـــــو بئنسـر جهـــــڙ لايـــــو جهـــــالر،
نســـــبيون نشـــــانبر، لائـــــي بينيـــــون لالـــــر،
ڏاوٽيـــــون ڏيـــــن ڏاڻ، ســـــر تـــــي سراســـــر،
چـــــوٽي قـــــل چـــــوڏار، جڙيـــــو جـــــوهردار.

هر صوفي شاعر ڏکن هي تعريف ڪئي آهي. حضرت صوفي سيد شاهه عبدالطيف ڀٽائي ڏکن جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي. فرمائين ٿا:

ســـــو ســـــڪن ڏيـــــءِ ورهـــــه وهـــــايم هيڪـــــڙو.
مـــــون ڪـــــي تـــــنهن نيئـــــي، پيـــــر ڏيڪـــــاريون پـــــرينءَ جـــــو،
مـــــت مـــــٽ ســـــورن ســـــيڪهين، مـــــون وٽ وٽاٽـــــان،
پريـــــون ڪيـــــون پٽـــــان، ويـــــا وهـــــائو نڪـــــري.

حضرت سچل سرمست پڻ ڏکن جي صفت ۽ ساراهه تمام سهڻي نموني بيان ڪئي آهي. هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

ڏکن منجهان سک، مون تان لڌا جيڏيون،
ڏوريندي کي ڏک، سونهان ٿيڙا سڄڻان.

جي سارو پچان لوک، تان گوندر وارو نہ لهان،
ههڙو پلو ٿوک، کهين پاڳ پرائيو.

هر صوفي شاعر ڏکن تعريف ڪئي آهي. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست پڻ ڏکن جي صفت ۽ ساراهہ تمام سهڻي نموني بيان ڪئي آهي. فقير عثمان سانگي بہ اها ساڳي واٽ وٺي سورن جي سنگت جي ساراهہ ڪئي آهي. انهن کي وفادار سڏيندي پنهنجي هڪ ڪافي ۾ ٻڌايو آهي تہ سسئي سان سور سنگتي هئا. ڏکن کيس ڏاڻ ڏنو هو. تنهن ڪري هوءَ ڪاف ڪشالا وجي منزل تي پهتي.

جڏهن سور هليا هيس ساڻ،
تڏهن ڪشالا هي ڪاف لنگهي وئي،
سک نہ ٿيا هيس سنگتي،
ڏکن ڏنو هيس ڏاڻ.

جن کي ڏکن جا ڏاڻ ملن، سي ڪيئن نہ منزل کي رسنديون، عاشقن کي هميشہ ڏکن جا ڏاڻ ملن ٿا. تنهن ڪري هو ڪاف ڪشالا لنگهي وڃي پنهنجو پرين پسن ٿا.

اکيون عشق جو آستانو ۽ محبت جو ميخانو آهن. جهڙيون محبوبن جون سهڻيون اکڙيون آهن. شاعرن بہ اهڙائي سهڻا شعر چيا آهن. عثمان فقير بہ ور ور ڪري اهو پيارو مضمون نهايت پيار پرئي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. ڪڏهن اکين کي سيف (ترار) سڏي ٿو تہ ڪڏهن ڪجل واري ريهہ کي ڪٽاري سڏي ٿو.

اکين سيف سيني ۾ ساري لڳي،

ڪجل ريهه ڪاري ڪٽاري لڳي.

ٻي هڪ ڪافي ۾ اکين جي جهيڙن ۽ زلف جي ويڙهن جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو ته اهي ائين ٿاسائين ٿيون، جيئن ڪنڍيون پور پئجي وينديون آهن.

اهي عثمان اکين جا جهيڙا، وجهن ونگ زلفن جا ويڙها،
جيئن ڪنڍيون پون ٿيون پور، ڪين ڇڏين ٿيون ڪنهن پاري.

ٻي هڪ ڪافي ٻڌائي ٿو ته اهي مارا ڪن ٿيون. اهي دلبر ڏاڙي لاءِ ڏاريون آهن. اهي بحري باز آهن. زلفن جي پيچ ۾ وجهي ڳاري ڇڏين ٿيون. خوبصورت ٻولي ۽ خوبصورت انداز جو هڪ مثال ملاحظ فرمايو:

اکڙيون سڄڻ تنهنجيون مارڙيون،
تون ڏاڙي خاطر ڏارڙيون،
وجهي پيچ زلفن ڳارڙيون،
هنيو وجڻ حڪام ۾.
”عثمان“ تي اکڙيون ائين،
بحري باز ڏئي جلوو جئين،
رکي تاب تابش جو تيئين،
جهٽيو وجن هڪ جهام ۾.

ڪڏهن وري اکين کي تيرن سان تشبيهه ڏيندي ٻڌائي ٿو ته اکين جا تير ڏاڍا تيز ۽ تکا آهن. اهي اهڙا ڦهري ڪان هٽن ٿيون جو بي اختيار عاشق توبهه زاري جي تسبيح پڙهندو رهي ٿو.

تير اکين جا ڏاڍا تيکيرا، ڪان هڻن ٿيون قهاري ري.
توبهه توبهه زاري ري.

صوفي شاعرن نوڙت ۽ نياز جي تعليم ڏني آهي. هنن هٺ ۽ تڪبر ڪان پري پڄڻ جو سبق ڏنو آهي. شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي ۽ بيدل بيڪس ٻين سڀني صوفي شاعرن هميشه هيناهين هلڻ جي هدايت ڪئي آهي. عثمان فقير واٺ ونندي عاجزي ۽ نيزاري جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو:

ٻـــــانهي تنهنجـــــي آهيـــــان، ٻـــــانهي ڙي،
منهنجـــا جـــاني، ڏاريـــن تـــوڙي لـــوڏارين.

ڪيڏا نه سهڻا لفظ آهن. ڪهڙي نه اثرائتي انداز ۾ وينتي ڪئي وئي آهي. ”ڏارين توڙي لوڏارين“ لفظن شعر کي انتهائي خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي.

عثمان فقير جي ڪلام ۾ ڪيترائي صوفياڻا نُڪتا نظر ايندا. نفي ۽ اثبات وارو صوفياڻو نڪتو هر شاعر پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ سان سمجهايو آهي. اهو نڪتو سچل سرمست هن ريت سمجهائي ٿو:

اول گمراهـــــي، آهـــــي ربـــــاني راهـــــ ۾،
تهـــان پـــوءِ همراهـــي، آهـــي هـــيءَ هـــدايت جـــي.

انسان جي عظمت بيان ڪندي اهو نڪتو ٻي هڪ ڪافي ۾ هن ريت سمجهائي ٿو:

ڇـــوڙ گمـــان گـــدائي والا، شـــملا ڇـــا ٻـــڌ شـــاهي دا،
گمراهـــي وچ هيئـــي هـــدايت، نـــور ســـفيد ســـياهي دا،
نفـــي ”ســـچل“ اثبـــات ڪرينـــدا، ويڪـــو ســـير ســـپاهي دا.

سچل سرمست جي انهيءَ ڪافي کان متاثر ٿي عثمان فقير ان ڪافيءَ جي پڙان پنهنجي هڪ ڪافي ۾ طالب کي سهڻي صلاح ڏئي ٿو تہ پهرين عشق جي بي انت بحر ۾ گمراهي جو غوطو هڻي، پوءِ شاهي وارو شملو ٻڌ. عثمان فقير فرمائي ٿو:

پهـــرين مـــار غوطـــا گمراهـــي دا، پڇـــي شـــملا چـــا ٻـــڌ شـــاهي دا.
قطـــرا قلـــزم نـــال رلاويـــن، ٿيـــوين دريـــا پڇـــي مـــوج هلاويـــن،
هســـتي چـــوڙ تـــہ حاصـــل ٿيـــوين، اهـــو عـــين الاهـــي دا.
آنهـــن وچـــون جـــڏان نـــانهن ٿيـــوين، پـــر نـــانهن وچـــون جـــڏان آنهـــن ٿيـــوين،
رنـــگ چـــوڙ تـــہ رنـــگ رڱـــانهن ٿيـــوين، اهـــا خـــاص رنـــگ خـــدائي دا.

عثمان فقير سانگي کي سنڌيءَ ٻوليءَ تي پورو عبور حاصل هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ نهايت ئي خوبصورت ٻولي استعمال ڪئي آهي. سندس ڪلام جي هڪ خاص خوبي اها بہ آهي تہ هو نيٺ سنڌي لفظ استعمال ڪندي ٿورن لفظن ۾ گهڻيون ڳالهيون ٻڌائي وجي ٿو. هتي ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا. پنهنجي هڪ ڪافي ۾ فرمائي ٿو.

جـــت ڪـــري زورو، نمـــاڻيءَ ڪـــي ننـــڊ ۾ چـــڏي ويـــا.
ڪـــري ويـــا ڪتـــل ســـان، نـــاحق نســـورو.
هيـــڏي شـــهر پنيـــور ۾، شـــرو نتـــورو.
ڏيئـــي ويـــا ڏکـــيءَ کـــي، ڏونگـــر ۾ ڏورو.

پنهنجي هڪ ٻي ڪافيءَ ۾ سسئي جي زباني فرمائي ٿو:

اصـــل منهنجـــو انـــگ ائـــين لکيـــون هـــو،
ڏوهـــہ ڏيـــان ڪهـــڙو ڏيـــرن تـــي.
آءُ سُـــتي، هـــو هليـــا،
پرهـــہ نهاريـــان پيـــرن تـــي.

عثمان سانگي جي ڪلام ۾ بي شمار خوبيون آهن. مٿي نموني طور خرار مان ڪي داڻا ڪڍا چونڊيا ويا آهن. هو سچو عاشق ۽ موسيقي جو ماهر هو. سندس ڪلام سهڻي ٻوليءَ سان گڏ و گڏ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ عثمان سانگيءَ جي شخصيت ۽ ڪلام بابت جيڪا رائي ڏني آهي سا وزندار آهي. لکن ٿا (عثمان فقير) اهل الله درويش، سچو صوفي، ۽ وڏو شاعر هو. خواجہ عبدالحي نقشبندي نوشهري فيروز واري جي توجهہ سان برهہ ۽ بيخودي عطا ٿيس، خواجہ صاحب جي وفات کان پوءِ سندس پٽ شاهہ نصير الدين جي بعيت ڪيائين. فقير خير محمد هيسباڻي ۽ عثمان فقير پاڻ ۾ صحبتي هئا. عثمان فقير سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ڪافيون چيون، جيڪي حال توڙي قال جي لحاظ سان معياري آهن. (3) مطلب تہ هرلحاظ سان سندس سنڌي توڙي سرائڪي ڪلام لاجواب آهي. اڄ بہ سندس ڪافيون جهر جهنگ مشهور آهن. ماڻهو جڏهن مرحوم محمد جمن جي آواز ۾ هيءَ ڪافي ٻڌن ٿا تہ بي اختيار ٿي وجد ۾ اچي وڃن ٿا:

سانون لڳ ڳئي بي اختياري، سيني دي وچ نہ سمائي هي،
يار ڏاڍي عشق آتش لائي هي.

اها عشق هي آتش عثمان فقير جي ڪلام ۾ اوهان کي جا بجا نظر ايندي. اها جوت اڃان جلندي رهي ٿي. ۽ سدائين جلندي رهندي. ڇو تہ عثمان فقير کي اهوفيض پنهنجي سائين عبدالحي نقشبندي کان حاصل ٿيو. نوشهري جي عالم ۽ عارف هو اهو فيض اڻ کٽ آهي. جيڪو اڄ بہ جاري آهي ۽ سدائين جاري رهندو.

ڊاڪٽر نواز علي شوق

حاشيا

1. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ هي ترتيب ڏنل ڪتاب ”ڪلام خوش خير محمد“ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ.

2. هي هيءُ به روايت آهي ته خوش خير محمد جو والد عارف عبدالحي نقشبنديءَ جي والد سائين شهاب الدين سير ڏٽيءَ جو مريد هو. اهو ئي سبب آهي جو خوش خير محمد عارف عبدالحي جو طالب ٿيو.

3. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڪافيون (جلد پهريون) ص 432، سنڌي ادبي بورڊ 1985ع

سنڌي ڪلام

بيت

خيال خدائي جي خيال ۾، وجيائي تون ويھہ،
وحدت جي درياءَ ۾، پاڻ ڇڏي تون پيھہ،
ھيٺ مٿي ھر جاءِ آھي، ڏيھي تنھنجو ڏيھہ،
سڄڻ ۽ ساڻيھہ، آھين تون ”عثمان“ چئي.

(*)

ڪين ڪٺي ويا ڪين ڏي، ڪين ڏنئون ڪين،
قرب سجاڻي ڪين جو، ڪين ڪڇن تا ڪين،
ڪين ڏنئون ڪين، الف بنا ”عثمان“ چئي.

(*)

ڪين ڪٺي ڪين ۾، ڪين ٻہ ڏنئون ڪين،
قلزم ڪارنپار جي، ڪنڌي آھي ڪين،
تو ۾ ساري ڪين، آھي ”عثمان“ چئي.

(*)

ڪين ڪٺي ڪين ۾، ڪيو ويراڳين وٿاڻ،
نڪو آدم آدمين، نہ ڪو پٽس ڪين،
بيرنگ بيرنگ ساڻ، امل ٿيا ”عثمان“ چئي.

(*)

ڪين ڪٺي ويا ڪين ڏي، ھوڪين ٿيا وجي ڪين،
قرب سجاڻي ڪين جو، ھو ڪين ڪڇن تا ڪين،

پوءِ ڪين ڏسن ٿا ڪين، الف بنا ”عثمان“ چئي.

(*)

ڪافر ٿئين تہ ابهي، باب شرع جا ڇڏ،
پوءِ من مشرڪي ڳڏ، تہ ويجهو ٿيئن وصال کي.

(*)

لڳو ياڳ پرنگ، سالڪن صبر ڪيو،
ريتي ريزالا ويا، ديهہ دارن ڪون دنگ،
ڪارڻ ڳِداڙيءَ قيد پيا، منجهہ پَنجوڙ پلنگ،
جاتي حاجت هُئي هنجن جي، اُتي قابو ٿيا ڪنگ،
ڏسي روءِ زماني رنگ، عَجب لڳو ”عثمان“ چئي.

(*)

وحده جي ويڙهہ ۾، پيهي پسيو جن،
اوري پري پاڻ ٿيا، ڪنهن سان ڳالهيون ڪن،
فانما تولو فثم وجهہ الله، ٿا ڏسڻ منجهہ ڏسن،
اُهي مانجهي ڪين مُڙن، جيڪي ٿيا اعتباري ”عثمان“ چئي.

(*)

وحدو جي ويڙهہ ۾، جان پسيو مون،
اتي يڪي صفائي صاف آ، هڪ نہ ڪو ڏون،
جا مان ٿي يانئي مون، سا وئي اڏامي ”عثمان“ چئي.

(*)

جي چوين جوڳي ٿيان، تو هوئڻ ڇڏ هيءُ،
پيچي اوٺ عدم جي، بي خود پيالو پيءُ،
ساڳو ٿي سِرُ ٿيءُ، جيڪو اصل هُئين "عثمان" چئي.

(*)

آنهن ۾ نانهن جي وچ ٿي، ڪل پوي ٿي ڪان،
لنگهي لاهوتي ويا، انهيءَ جوءِ جوان،
جاتي نڪو خطرو خوف رجا جو، امر نڪي فرمان،
ائين وڃي گڏيا "عثمان"، جئين قطرو قلزم ۾ پوي.

(*)

قطرو قلزم ۾ پيو، ويو ڦٽيءَ جو فرق،
وحدت جي واديءَ ۾، وڃي غازي ٿيا غرق،
طلسم ڪري ترڪ، وڃي آشياني ٿيا "عثمان" چئي.

(*)

آشياني ٿيا "عثمان" چئي، ڪيائون پاسي هيءَ پوشاڪ،
وحدت جي واديءَ ۾، پُرس ٿيا وڃي پاڪ،
برهه ڪيا بيباڪ، نانهن منجهان وڃي آنهن جي.

(*)

نڪو ڄاڻ نڪو سڃاڻ، نڪا سمجهه سڌ پوي،
نڪا مورت معنوي، نڪا صورت ساڻ،
اتي وڃي ڪن وٿاڻ، آديسي "عثمان" چئي.

(*)

پايون ڏسن پاڻ ۾، ليئي منجهه ليو،
حق وڃي حق سان، ڏئي ٻن ٻيو،
وڃئون وير ويو، عيني ٿيا "عثمان" چئي.

(*)

بيرنگ بحر عميق ۾، ويا گھاتو گھاءُ ڪٽي،
ماري موتيا مڇ ڪي، اتڪائي اٽي،
پوءِ اهي هٿيار هٽي، آرامي ٿيا ”عثمان“ چئي.

(*)

ڪيچئون ڪاهي آئيا، منجهه پنيور پري،
ويسارو ٿيس وطن جو، ويو انهيءَ هنڌ هري،
پوءِ ڪيچ بہ ويس وسري، اچي عيشي ٿيو ”عثمان“ چئي.

(*)

ڪافي:1

آءُ آهيان تنهنجي هڏ،گولي گڏ،
سڄڻ سنگت سان پنهنجي.

لوڏي ڪي لائق ڪري، سائين لڳ سهٽا سڏ.
آءُ آهيان تنهنجي هڏ

لڙهہ لڳاسي تنهنجي، چن نہ اسان ڪي تون چڏ.
آءُ آهيان تنهنجي هڏ.

پاڙي منهنجي پڪڙا، اوري آٽي اڏ.
آءُ آهيان تنهنجي هڏ.

آءُ پري يرِ ”عثمان“ ڏي، ويرم لائي مَ وڏ.
آءُ آهيان تنهنجي هڏ.

ڪافي:2

آءُ تي مران سڪ ۾ سڙي، توکي ميان تہ بہ ترس ڪو نہ ڪو.

حيــران ڪيــو هــن ڳالهــ ۾، آهيــون تنهنجــي قيــل قــال ۾،
لنــوڙي لاتــو جــانڪون اچــي، آءُ تــي مــران ســڪ ۾ ســڙي.
تـــوکي ميـــان تـــہ بـــہ تـــرس ڪـــو نـــہ ڪـــو.

جنـد جـان پتنـگ وانگـي پچـي، نيـنهن ۾ نـاچو جيـان نچـي،
مــن ۾ مــچ تيــو مچــي، آءُ تــي مــران ســڪ ۾ ســڙي،
تـــوکي ميـــان تـــہ بـــہ تـــرس ڪـــو نـــہ ڪـــو.

”عثمــان“ آهــي اوهــانجو، پــر جــي پــرين ڪيــو پــانهنجو،
اچ يــار چــانگن تــي چڙهــي، آءُ تــي مــران ســڪ ۾ ســڙي.
تـــوکي ميـــان تـــہ بـــہ تـــرس ڪـــو نـــہ ڪـــو.

ڪافي:3

آءُ ڇو ڏکن ڪاڻ ڄائي آهيان، سورن ڪاڻ سامائي آهيان.

بي بتي بيراڳي ڦران، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهمائي آهيان.

هٿين پيرين گهنگهرون، ناچو عشق نچائي آهيان.

عشق اڇي استاد ٿيو، پئي سور پڙهائي آهيان.

سور اچي ٿيا سامهان، تن تمام تپائي آهيان.

آءُ پرين تون "عثمان" ڏي، نپوڙي عشق جي لائي آهيان.

ڪافي:4

آئي منڊ موٽي يار، مل اچي منهنجا پرين.

انبن ٻور ڦلاريا، ڏاڙهون ٻڌي ڏوڏي يار.

جر جبل سڀ جهاڳيان، گولن جي هان گولي يار.

من ماري مستان ڪيئي، گهر گهر ٿي آهيان ڳولي يار.

بيوس دانهون درد جون، لنو اندر لولي يار.

اچي مل ”عثمان“ چئي، چاڪن پري آهي چولي يار.

ڪافي:5

آهي عشق امام سو جن جو، سڀ خوف لٿن خطرن جو.

واعظ عشق جو دل تي رکيائون، ڪين ٻڌن تا ٻين جو.

آڳ عشق جي ۾ پاڻ پچائين، ڏس انصاف انهن جو.

باهہ برهہ جيءَ ۾ جسم جلائن، کهڙو بيان ڪُنن جو.

جاءِ نہ جِنَ مَلَڪَ جي جاتي، آهي تڪيو اتي تن جو.

اُهي "عثمان" جي نينهن نهوڙيا، سبق پڙهن تا سورن جو.

ڪافي:6

اچڻ تنهنجي جا اهي انصاف،
هي ڳڻ ڳائيندس، لوڪ سڻائيندس.

آهن عيب عميق اسان ۾، محب منديون ڪندين معاف،
لڪ پلايون آءُ تنهنجون پائيندس.
هي ڳڻ ڳائيندس، لوڪ سڻائيندس.

سجدو ڏيئي صورت سڄڻ جي ڪي، تهدل ڪندس طواف،
سر اڳيون تنهنجي نرتئون نوائيندس.
هي ڳڻ ڳائيندس، لوڪ سڻائيندس.

درد منهنجي جو تو وٽ دارون، مون ڪي قسم مصحاف،
پاند ڳچي پائي تو ڪي پرچائيندس.
هي ڳڻ ڳائيندس، لوڪ سڻائيندس.

آهين "عثمان" سي لکيون ڳالهيون، سهڻل تنهنجون صاف،
ٻولي تو ڪي يار ٻڌائيندس
هي ڳڻ ڳائيندس، لوڪ سڻائيندس.

ڪافي:7

اڙٻنگ سان دلڙي اڙي، نينهن لڳو لاغرضن سان،
سهمن ۾ دل سڙي.

يــار جــادوگر، جــادو ڪيــڙءِ، محبــت وارا منــڊ پڙهــي.

پيچـي پـيچ وجهـي وئـين، قـابو ڪيـڙءِ ڪـاريگر ڪـڙي.

ڏوهـ ثـواب جي جاءِ نـه جاتي، چاڙهـ انهـيءَ ۾ دل چڙهي.

اچي ”عثمـان“ جي دل تـي دلبـر، دردن لائـي آهـ ڏم ڏڙي.

ڪافي:8

اصل منهنجو انگ ائين لکيو هو،
ڏوهه ڏيان ڪهڙو ڏيرن کي.

آءُ سيج سُتي هو هليا، پره نهاريان پيرن تي.
ڏوهه ڏيان ڪهڙو ڏيرن کي.

ڪاهي ويندس ڪيچ ڏي. دوست پنهل جي ديرن تي.
ڏوهه ڏيان ڪهڙو ڏيرن کي.

ڏيڻ ڏوراپو ڏاڍن کي، ناهه مناسب پاٽون پليرن تي.
ڏوهه ڏيان ڪهڙو ڏيرن کي.

آرياڻي ”عثمان“ چئي، محب نه ڏسجانءِ ميرن تي.
ڏوهه ڏيان ڪهڙو ڏيرن کي.

ڪافي:9

اکڙيون عزم ايڏو رکي، دلڙيون ڦاسائن دام ۾،
ديدان ڪنهين دستور سان، موهي وٺن هڪ مام ۾.

اکڙيون سڄڻ تنهنجون مارڙيون،تو ڏاڍي خاطر ڏارڙيون،
وجهي پيچ زلفن ڳارڙيون، هنيون وڃن حڪام ۾.

اکڙن پاتو ڦهري ڪجل، دل ۾ اٿن خوني خلل،
جيئن وڙهي ٿو ملهه ساڻ ملهه، گڏجي اچي هڪ گام ۾.

نينان نسوري نور ۾، پرٿيون وتن سڪ پور ۾،
گهايو حسن جي گهور ۾، آرام بي آرام ۾.

”عثمان“ تي اکڙين ايئن، بحري باز ڏئي جوشن جيئن،
رکي تاب تابش جو تيئن، جهٽيو وڃن هڪ جهام ۾.

ڪافي: 10

اکين سيف سيني ۾ ساري لڳي،
ڪجل ريھ ڪاري ڪٽاري لڳي.

چلڻ چاھ محبن موچاري لڳي،
پابوھ پرين جي پياري لڳي.

نظاري ڏسڻ ويل واري لڳي،
جگر جان ۾ جنگ جاري لڳي.

چلي چوٽ چشمن چوڏاري لڳي،
ڏاڍي زخم زور واري لڳي.

”عثمان“ اھڙي اباھري لڳي،
جٿي جان ۾ ”لا“ جي لاري لڳي.

ڪافي: 11

اڳهين نہ عشق مون ڄاتو هو،
سِر تي آيم، تڏهن سڄاتم.

عشق اول آسان ٿي ڀانيم، هوش عقل تنهن دم وڃايم،
پوءِ رڳو پاراتو هو.

نينهن وڃايو جڏهن نغارو، وجود وسري ويو سڀ سارو،
لالڻ لئيڙو پاتو هو.

عشق جنهين سر آيو ”عثمانا“، بي مثل آهي بي بيانا،
جن لڳو تن ڄاتو هو.

كافي:12

انهن ظالم اکڙين سان، دلبر چو تو لٽين.

حسن هزاري، کيو خماري، تون ڦرين فقيرن جان،
۽ وڙهين واسينگن جان، وڪڙ وجهيو تو وٺين،
انهن ظالم اکڙين سان، دلبر چو تو لٽين.

چشمان چوري وڏوَ نهوڙي، دلبر ديدن سان،
تنهنجون بڙڇيون مزگان مارن، سڌيون ۾ سٽين،
انهن ظالم اکڙين سان، دلبر چو تو لٽين.

”عثمان“ اداسي، کيو سناسي، سهٽا صحبت سان،
تنهنجا قهري نين ڪنديا، جهٽڪان ڏئي تو جهٽين،
انهن ظالم اکڙين سان، دلبر چو تو لٽين.

ڪافي:13

او جانب، جانب تـن ميـان، منهنجـو تـو کـي مَـن ميـان،
ســــــــــڪي ۽ ســـــــــاري گهڻـــــــــو.

اوهـان جـي تـہ اچـڻ جـو، ڪـڏهن کـون تـم ڪـن ميـان،
پـاڻ سـجاڻي پنهنجـو تـون، تـازو ڪـري وج تَـن ميـان،
گهـــــــر منهنجـــــــي گهـــــــاري گهڻــــــو.

ڪيـئن ڪيـان ڪـاڏي وجـان، بـره وڏو اَتـم پَـن ميـان،
جــوش جلايـــم جنـــدڙي، انـــدر راڳ رڳـــن ميـــان،
مـــــــوتي مــــــــون مـــــــاري گهڻــــــــو.

درد منجهئون دانهون ڪيان، ڏکن رکيـو اتـم ڏَن ميـان،
ســواءِ تنهنجــي ســپرين، آءُ ڪيــئن ڪــاوان اَن ميــان،
ڳــــڻ تنهنجــــو تــــو ڳـــاري گهڻــــو.

تنهنجـو مـون سـان سـپرين، وسـري ڪيـن وَرن ميـان،
آهـي تنهنجـو ”عثمـان“ کـي، پـرين يـار پَـرن ميـان،
ڪليــــو تـــــو ڪيڪــــاري گهڻـــــو.

ڪافي:14

اهي چڪن ٽيندا پاڙهين چو نہ،
ڏٺو جن درسن يار جو.

ڪيان بيان حسن جو ڪهڙو،
هوش رهيو ڪين صورت جي سينگار جو،
ڏٺو جَن درسن يار جو.

شمس قمر ناهي صورت ثاني،
هيو تجلو تاب اکڙين جي اسرار جو،
ڏٺو جَن درسن يار جو.

ديدن سان ڏٻايو دلڙي،
ڏوڪو تہ ڪيو ڪجلين ڪجل ڏار جو،
ڏٺو جَن درسن يار جو.

آهي ”عثمان“ اصل ڪان اوهان جو،
ساڳيو سگ سندو پرينءَ جي پار جو،
ڏٺو جَن درسن يار جو.

ڪافي:15

انهن ڪَجلين جو آهي ڪَم،
پَلي مارن ملڪ جي دلين جو.

عاشقن ڪي عينن جو، آهي مَن اَندر ماتَمُ،
انهن ڪجلين جو آهي ڪمُ.

سِر سَاعت ۾ واريون، هڪ تيغ هَٽي ڪَن تَمُ،
انهن ڪجلين جو آهي ڪمُ.

ديدان تنهنجون دلبر، دير نہ ڪن هڪ دَمُ،
انهن ڪجلين جو آهي ڪَم.

چئي ”عثمان“ نينهن نهوڙيو، غمزن ۾ ٿيا غم،
انهن ڪجلين جو آهي ڪم.

ڪافي:16

ايندم يار ڪري لک ٿورو، شل ٿيندم ڏينهن صدورو.

ليکي توڙي يار نہ ليکي، آهيون تہ بہ تنهن جي ليکي،
وندر اتم تہ وِندورو.

تنهنجي گولن جي آهيان گولي، ٻانهپ پنهنجي اصل کان ٻولي،
ڳلي ڳلي آ تو لئہ ڳولي، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهورو.

اچي ”عثمان“ کي منٺڙا ملندين، نيڻ ڪٽي تون خوش ٿي کلندين،
ٿورا ڪري تون اڱڻ تي ٽلندين، گهورا ڪيان سر سمورو.

ڪافي:17

بيچون منجهون آواز اچي ڪري، عاشق ٻاجهون ڪير سهي،

اونهي منجهون اچڻ وڃڻ جو، سالڪ کن ٿا سير صحي.

سچ انهيءَ جا سونهان آهن، وڃي لهن ٿا پير پَهي.

ديد جنين درياه ڪيڙي، وهڻ انهيءَ ۾ وَيا تہ وَهي.

نفي منجهئون نابود جو ٿيئڙا، ”لا“ جي ويئڙن تيغ وَهي.

ٻيون ڳالهيون سڀ ٻن ڏنيون سي، هاديءَ واري تار رَهي.

اهي ”عثمان“ انهيءَ پنڌ پيا، تا ٿي ويندو ڪير ڪَهي.

ڪافي:18

بيرنگ برھ بيان، اونھو بحر عشق جو آھي.

جِن مَلڪ جي جاءِ نہ جاتي، طالب تڪيا ڪن ٿا تاتي،
اُنھيءَ جوءِ جوان، ڪامل ڪوپا ڪي ايندا ڪاھي.

گهير عشق ۾ گهرندا عاشق، توڪل ترھو ٿمر تنهين سڪ،
سر ڏئي ٿيا سلطان، لاڳاپا سڀ لوڪ جا لاھي.

برھ پڙھايون جن کي باتيون، گُم غواصي ٿيا خود گھاتيون،
ڪَلَ ٻين کي ڪانہ، ساري سُڌِ انھن کي آھي.

بيرنگ جو آھي رنگ نہ ڪوئي، پاڻ سڃاڻي ڄاڻي سوئي،
اونھي کي ”عثمان“، سالڪ سمجھن سٽرو ناھي.

ڪافي:19

ٻانهي تنهنجي آهيان ٻانهي، منهنجا جاني،
ڏاريون توڙي مون لوڏارين.

حسن تنهنجي آ افضل اعليٰ، نرگس نين ڪنول گل لالا،
صورت تو مٽ ڪونهي ثاني،مهر ڪري جي منهڙو ڏيکارين.

عيبدار اصل ڪان آهيان، آس اميد مور نہ لاهيان.
ڪيو مونسان ڪا مهرباني، پاڙ سجاڻي تو سڄڻ سنپارين.

تون قربدار اصل ڪئون آهين، ڇو ٿو پنهنجو پاڙ ڇپائين،
سر آهين تون ساڳي سلطاني، گوليءَ سان اَڇي گڏجي گذارين.

مُڪَو مون ڏي ڪا نينهن نشاني، ڪهڙا ڪهڙا اَٿوَ ڪَم ڪارين،
آهي ”عثمان“ جي تو سان آزي، اوڪي ڪيڏن برهہ جي بازي.

ڪافي:20

تنهنجون چشمان ڪَن ٿيون چور، نانءُ ڏٺيءَ کٽي نيڻ نهاري.

گهور ڪري ٿيون اچن گهليون، وٿيون گهمن ٿيون ڳوٺ جون ڳليون،
نت وجڻ وهلور، لڪيون گهمن ٿيون انهيءَ لاري.

بڪيون وتن ٿيون بازن وانگي، جيئن طعام تي اچن ٿيون تانگهي،
زورئون زور ضرور، دام وجهيو ٿو دلڙيون ڏتاري.

اهي ”عثمان“ اکين جا جهيڙا، وجهن ونگ زلفن جا ويڙها،
جيئن ڪنڍيون پون ٿيون پور، ڪين چٽن ٿيون ڪنهن پاري.

ڪافي:21

تـــو دل ريهـــي، تـــو دل ريهـــي رمـــزن ســـاڻ.

نـــيڻ ســـڄڻ تنهنجـــا خـــوني خنجـــر،
ٻئـــي هـــٽن ٻـــاڻ، دڪـــي ديهـــي.

اڇـــي بيٺـــين تـــون ســـامهان،
چـــاڙهي چشـــمان چاڻ،ســـگهيون ســـيهي.

اڳـــڻ اســـان جـــي آءُ پيـــارا،
پـــرين پســـائج پـــاڻ، مـــون وٽ ويهـــي.

عشـــق تنهنجـــي جـــو ڳجهڙيـــون ڳـــالهيون،
ڪيـــئن سَـــلي "عثمـــان"، ســـاڳيون ســـيئي.

ڪافي:22

تــوڙي لڪــين لڱــا لــوڏارين تــو، تــ بـــ آءُ تـــ تنهنجـــي ٻڇـــيءَ ٻــل آهيــان.

ليئـــڙو پـــائي، پـــاڻ ڇپـــائي وئـــين، تنهنجـــي ٻـــاڻ حســـن جـــي ٻـــڌل آهيـــان.

لعلڻ تـو ڪي لائق ناهي، نيڻ ڪٽي نـ نهارين تـو، تنهنجي ول ڇل جي ورتـل آهيان.

سهڻل تـو لئہ سئو سڪن تا، مشتاقن ڪي مارين تـو، هستي هيٺي آءُ هيڪل آهيان.

آهــي ”عثمــان“ اصــل ڪــان اوهــان جــو، آءُ تـــ ليڪـــي اوهــان جـــي لڪيـــل آهيـــان.

ڪافي:23

تون آن گل چمن، گلشن گلزار، محب منو مننار، عشق عجب اسرار.

ڪنگڻ ڪلنگي دار، تنهنجا واڍولا وار، تنهنجي تائڻن جي ڏاڍي اتم تار،
تنهنجي بندڙن جا ڪهڙا پچان پار، ٻنگيو هٿن ٻنگ، جيءَ ۾ رکي جار.

نٿ بولو بئنسر، جهڙ لايو جهالر، نسبيون نشانبر، لائي بينيون لالر،
ڏاوٽيون ڏين ڏاڻ، سر تي سراسر، چوٽيءَ ڦل چوڏار، جڙيو جوهر دار.

هس تائث لڪڙي، جهومڪن جا جهلڪار، تن تي ٽِڪن جا سوين هزار،
ويڙهه چلا منڊيون، وچونئڙا ولهار، منڊين چاڙهيان منڊ، ڏگ ڏگ جا ڌڌڪار.

”عثمان“ سري سٽ، ڳلي يار جي نہ مٽ، بنا يار جي ديدار، گهٽي پانيان گهٽ،
ڪڏهن مان قبولن، هونديون پرين وٽ، اهڙو اڪين ڪي آ، اڳئيون شوق شڪار.

ڪافي:24

تـــون تـــ نـــازڪ نـــازن ســـاڻ، دلـــڙي منهنجـــي يـــار لٽـــين ٿـــو.

نـــاز منجهـــان جـــي نـــيڻ ڪٽـــين تـــو، پاســـي نـــ ڪـــر تـــون پـــاڻ،
مـــون ڪـــان منهـــڙو چـــو يـــار مٽـــين ٿـــو. دلـــڙي منهنجـــي يـــار لٽـــين ٿـــو.

نـــاز منجهـــان جـــي نـــيڻ ڪنيـــائين، چـــارئي چشـــمان چـــاڻ،
ڪيـــون مـــونکي چســـت چٽـــين تـــو. دلـــڙي منهنجـــي يـــار لٽـــين ٿـــو.

آهـــي ”عثمـــان“ ڪـــي يـــار اوهـــان جـــو، ٻنـــڌڻ لاڪـــون ٻـــاڻ،
چوڙيـــان ڪـــين چٽـــين تـــو. دلـــڙي منهنجـــي يـــار لٽـــين ٿـــو.

ڪافي:25

تو کي سھڻل ناهي صلاح،
وساري يار وجي وينين، چکن جي چاڪ نٿو چينين.

ڳجهيون ڳالهيون ڪنهن سان ڪريان،
تو بن يار پيارا، ٻي ڪانهي ڪا ورونهن واهه.

اکيون اسان جو طرف توهان جي،
وري وري واجهائن، تنهنجي رويو نهاريان راهه.

آهه ”عثمان“ کي اکير اوهان جي،
طلب گهڻي آ تار، سک گهڻي آ ساهه.

ڪافي:26

تير اکين جا ڏاڍا تکيرا، ڪان هڻن ٿيون ڦهاري ڙي.
توبهـــــــــــ توبهـــــــــــ زاري ڙي.

اکڙيون عاشقن کي آهن ڳولهينديون، ماريءَ وانگر ماري ڙي،
جو منهن پوي سو ماري وجهن ٿيون، ڏورئون ڏئي ڏيکاري ڙي.
توبهـــــــــــ توبهـــــــــــ زاري ڙي.

ڦهري تير ڪات جنين جا، خوني نين خماري ڙي،
ڏنگ هڻن اهي نسنگ ڪن ٿيون، ڪاريهر جان ڪاري ڙي.
توبهـــــــــــ توبهـــــــــــ زاري ڙي.

ديدن سان ڏوپار لنگهائن، جيري منجهئون جاري ڙي،
دم دم دانهون اهي جي ڪن ٿا، جيڪي عشق ڪيا آزاري ڙي.
توبهـــــــــــ توبهـــــــــــ زاري ڙي.

عادت عينن کي "عثمانا"، سهڻي يار سيڪاري ڙي،
چال اکين جي آهي چڱيري، سوپ ڪٽن سرداري ڙي.
توبهـــــــــــ توبهـــــــــــ زاري ڙي.

ڪافي:27

تنهنجـــي اڪـــڙين جـــادو لايـــو، گهـــورن ســـان وجـــن ٽيـــون گهـــايو.

اکيـون کـن ٽيـون ايـڏي اپـاهر، ڪـين گهـرن ٽيـون ڪـنهن جـي واهـر،
پـــٽن کـــائن جيـــئن بـــاز ۽ نـــاهر، ســـرس ڪيـــون پـــي ســـايو.

نـــيڻ هـــٽن تـــا نيـــزا نوکـــان، مزگـــان ڏيـــن ٽيـــون چشـــمن چوکـــان،
ڏاڙ وي لوکـــــان ڏاڙ وي لوکـــــان، خـــــوني خنجـــــر ڪُپـــــايو.

اهي ”عثمـان“ ديدان دونـاليون، کهڙيـون ڪيـان مـان تـن جـون ڳـالهيون،
ريءَ نشـــي جـــي وتـــن خمـــاريون، نـــاز نيـــڻن جـــي نِوايـــون.

ڪافي:28

تنهنجـــي مُـــنهن مهتــاب ڏســڻ لئـہ، لعلــڻ پــاڻ سِــڪايان تـــي.

دوست اوهان ڪي ڏيان ٿي دانهون، ادب سان ٻڌي ٻئي هي ٻانهون،
منهنجـــي آس اَتـــم ايـــڏانهون، سِـــجدي ۾ سِـــر نوايـــان تـــي.

سـائين سـوال سـڻ هـي منهنجـو، درسـن دوسـت ڪرايـو پنهنجـو،
تـــنهن ۾ مطلـب آهـي منهنجـو، وِرهـہ لڳـو مـون واجهايـان تـي.

اچـي ”عثمـان“ سـان هـڪ ٿينـدين، دوسـت دلاسـو دل ڪـي ڏينـدين،
جيـوين تيـوين ننگي ننـگ پـال، سـنگ نـہ ٻيـو ڪـو سـاهيان تـي.

ڪافي:29

تــو ڪــي ســنياري ٿــو ســاهہ، منهنجــا جــاني اينــدين ڪــڏهن.

سِــڪ تــہ ســيني ۾ تنهنجــي سُــهڻل، انــدر ٻــري ٿــو آڙاهـــ،
تـــــو ڪـــــي ســـــنياري ٿـــــو ســـــاهہ.

اکڙيــون اســان جــون طــرف توهــان جــي، رويــو نهــارن راهـــ،
تـــــو ڪـــــي ســـــنياري ٿـــــو ســـــاهہ.

اڳـــڻ اســـان جـــي يـــار پيـــارل، آٽينـــدءِ تـــہ الله،
تـــــو ڪـــــي ســـــنياري ٿـــــو ســـــاهہ.

آهــي ”عثمــان“ ڪــي تنهنجــي اچــڻ جــي، اهــو وڏو ويســاهہ،
تـــــو ڪـــــي ســـــنياري ٿـــــو ســـــاهہ.

ڪافي:30

پنهنجـــو پـــاڻ سُــجاڻي، مـــران تـــي هَلـــي اَڄُ هـــاڻي.

تنهنجي عشق جون ڳالهيون ڳايان، لوڪ ساري کي پنهنجو حال سڻايان،
اســـان کـــي تنهنجـــا آهـــن قـــول کهـــاڻي.

آيـون منـدڙيون يـار موچـاريون، لال بسـنت کيـون هَـر جـا بهـاريون،
اڄ تــــ گلــــن ۾ کيــــون روح رهــــاڻي.

آيـو ”عثمـان“ اوهـان وٽ سـوالي، تـنهن سـان کيـو وحـدت وصـالي،
محبــــت تنهنجــــي آ ســــاهہ ســــيباڻي.

ڪافي:31

پڇڻ جي جاءِ جت ناهي، ٿيو اٿم ات ساهه جو سيھڙو.

مل اڇي مون سان هڪ ٿي هاٽي، محب مران ٿي مولا ڄاٽي،
ساهه سان سحر ڪيو ٿي ڪيهڙو.

اڳ نہ ڄاتو، مون نہ سڃاتو، پيچ پنهل مون سان پاٽهي پاتو،
هوش عقل منهنجو تنهن ۾ وئيڙو.

تن تيلاهون ٿو توڏي نانگهي، سڄڻ جڏهن وئين پنهنجي سانگي،
تڏهن پاتو هو لالڻ ليئڙو.

آهي ”عثمان“ انهيءَ جي لاري، دلڙي ويو ٿم دوست ڏتاري،
جڳ ۾ ڪونهي جانب جيهڙو.

ڪافي:32

پڇـــو نـــہ عشـــق جـــي ذات، آهـــي ذات الائـــي ڇـــا.
نـــالو عشـــق برهـــہ، نيـــنهن نســـنگ نـــات الائـــي ڇـــا.

ڪـــڏهن صـــيد، ڪـــڏهن صـــيادمر ڪـــڏهن قتـــل ڪـــربلا،
ڪـــڏهن ڪاســـائي، ڪـــڏهن تيـــغ، ڪـــڏهن ڪـــات الائـــي ڇـــا.

وجهـــي ڪـــرت ڪيـــئن چيرايئـــي، ســـر ذڪريـــا مٿـــان،
ڪـــڏهن واڇ، ڪـــڏهن ميـــنهن، ڪـــڏهن رات الائـــي ڇـــا.

ڪـــڏهن ميـــر، ڪـــڏهن وزيـــر، ڪـــڏهن بادشـــاھ بـــلا،
ڪـــڏهن عـــدل، ڪـــڏهن آل، ڪـــڏهن بـــات الائـــي ڇـــا.

”عثمـــــان“ آڙبنـــــگ، لڪـــــين عشـــــق روئاريـــــا،
ڪـــڏهن نانـــگ، ڪـــڏهن شـــينهن، ڪـــائي وات الائـــي ڇـــا.

ڪافي:33

ڦِريون سڄاڻ پاڻ، سيڪا صورت پوءِ سُڄاڻين.

خلق آدم صورت سارو، پاڻ وساري ڪر تون نظارو،
اهو اتيئي اُهڃاڻ، ڄاڻ وڃائي پوءِ تون ڄاڻين.

گهوٽ آيو آ تنهنجي گهر ۾، وَفي انفسڪم آهي اندر ۾،
منجهه وجود وٿاڻ، طرف ٻئي تون ڇو تون تاڻين.

ڪثرت نالو تنهنجو ناهي، ساڳي ذات اصل ڪان آهي،
سا تان آ توئي ساڻ، آئون وچون تون ڇو ٿو آڻين.

پير مغان ”عثمان“ اهوئي، بي خود جام پياري جوئي،
مٿي ڏئي مهراڻ، موج الهيٰ پوءِ تون ماڻين.

ڪافي:34

پهريون مون ٿي چيو ته ڪو مان آهيان.
جڏهن مان سمجهيم ته ڪو مان ناهيان.

”لا“ واري جڏهن مان سيف سجي، پت هستيءَ جي ڪيم پورا پجي،
وهندي واقف ٿياسي وصال وجي، ساڳي اناالحق ٿي آءُ پانيان.

مان واري جڏهن ٻولي ٻولي، ڏٺم من اندر جون اکڙيون کولي،
ڳوٺ پنهنجي ۾ لڌو ٿم ڳولي، طرف ٻئي آءُ ڪيئن پوءِ ڪاهيان.

جيڪو عرش زمين آسمانن تي، اهو خان آهي ٻنهي خانن تي،
چڙهندو برهہ بقا جي بانن جو، تڏهن نانهن منجهان سارو سر آهيان.

اها ”عثمان“ آهي عشق ڳلي، پاڻ سڃاڻن ناهين سولي،
جوش ۾ وئي آ جندڙي جلي، جڏهن مام پروڙيم مان ناهيان.

ڪافي:35

پير اچي هن پڙ ۾ پائي، سورهيه پنهنجو سر سهائي.
عشق بنا ٻيو ڪاهي ڪير.

سمجهڻ عشق جي مشڪل بازي، گهور ڏئي گهوريا گهور غازي،
قيد ڪيو وجهي دست دلير، شاهه گداءُ اڳيانس چاهي.

نينهن نسورو اصلئون اڙانگو، مور ملاحظ ڪري نه سانگو،
ڪي جو مرد متير، خوف رجا جا خطرا لاهي.

اهڙو عشق آهي ”عثمانا“، عرش مٿي ٿو ڪري آستانا،
جتي واهر ناهي وير، پَلڪ پَلڪ ۾ ٿو پهچائي.

ڪافي:36

جاتي الله تاتي نہ آنءُ، ايها ڳالهہ عقل جي نانهن.

ٻي صورت ۾ صورت ساري، اها جيڪا اصل واري،
ڪيهي چوندي آءُ چوانءُ.

سيڪو چوي الله هڪ آهي، ڪثرت ڪنهن ڪي ڪونہ سڻاوي،
ڪنهن ڏاهپ سان سڪ ڏانءُ.

زمين ۽ آسمان اُتي، جن ملڪ جي جاءِ نہ جتي،
”لا“ نفيءَ جو اهو نانءُ.

پير مغان ”عثمان“ ٻڌايون، اڻ ڄاتي مون ڄاتو پايون،
هاڻي پُرجهڻ منجهہ پوانءُ.

ڪافي:37

جت ڪري ويا زورو، نماڻي ڪي ننڊ ۾ ڇڏي ويا.

ڪري ويا تہ ڪتل سان، ناحق نسورو،
جت ڪري ويا زورو.نماڻيءَ ڪي ننڊ ۾ ڇڏي ويا.

هيڏي شهر پنيور ۾، شرو نا تورو،
جت ڪري ويا زورو.نماڻيءَ ڪي ننڊ ۾ ڇڏي ويا.

ڏيئي ويا ڏکيءَ ڪي، ڏونگر ۾ ڏورو،
جت ڪري ويا زورو، نماڻي ڪي ننڊ ۾ ڇڏي ويا.

اڪنديو "عثمان" چوي، جانب لئہ جورو،
جت ڪري ويا زورو، نماڻيءَ ڪي ننڊ ۾ ڇڏي ويا.

ڪافي:38

جانب جدائي جو ساڙي مون کي سور،
ڳهوريو وڇوڙو ڪري ٿو ڪلور.

ڇڱيون يار سيڪاريون ڇاليون، منڙا منڙيون تنهنجون ڳالهيون.
ڇوري ڇپن کي ڪَيو مونکي ڇُور.

زهر پيالو يار پياريو، اڳ ۾ ماري پوءِ جياريو،
مونکي ماري ڪيو مخمور.

پير اڳڻ اَچي هاديءَ پاتو، ڄاڻ اهو مون تڏهن ڄاتو،
آهي تي نسورو نور.

پاتي ”عثمان“ ڇاتيءَ منجهه جهاتي، ڳهور هڪڙي جا آهيون پاتي،
هادي پاڻ حضور.

ڪافي:39

جــــڏهن ســــور هليــــا هُــــيس ســــاڻ،

تــــڏهن ڪشــــالا ڪــــاف لنگهــــي وئــــي.

ســڪ نــہ ٿيــا هُــيس ســنگتي، ڏڪــن ڏنــو هــيس ڏاڻ.

سسئي سچ قبول ڪئي، جنهن ڪي مليو جت جواڻ.

هيڪــل ڳــولي هــوت ڪــي، پــٽر وڏائــين پــاڻ.

گهــوري گهوريــان گهــوٽ تــان، پنهــل پســايو پــاڻ.

آريءَ ســان ”عثمــان“ چــوي، مــوٽي نــہ ڪنــديس مــاڻ.

ڪافي:40

جُڪي جيءُ جوڳين ڪاڻ، سناسين سان سنگت منهنجي.

گڏيا وتن گر سان، ڪاڻ نہ ڪين ڪنهنجي،سناسين سان سنگت منهنجي.

دين ڪفر کان ڌار ٿيا، پر ويٺا ڪن پنهنجي،
سناسين سان سنگت منهنجي.

انهن جي ”عثمان“ چئي، اَهلَ ڏکي ڏاڍي اهنجي،
سناسين سان سنگت منهنجي، جُڪي جيءُ جوڳين ڪاڻ.

كافي:41

جن پيتي آ صفائيءَ جي سرڪي،
سر ڏين سلطان، مَٽن تي مُرڪي.

ڪل ڪلال ڏني آهي جن کي،
تن لڳي آهه تان، نشي ۾ پيا ڊِرڪي.

ڪَلَ نشي جي جن کي پيڙي،
ڪين ٻُڌائين عام، چپن مان ڇُرڪي.

متارا مئخانن ۾ آيا،
جان ڪرن قربان، ڪڏهن نه ڪُرڪي.

موتوا قبلل جي مام ٻڌائون،
هستي هڻ ”عثمان“، لڪائڻ لرڪي.

ڪافي:42

جن لئه ٿيس مان جوڳياڻي،
دل لٿي ويو آ دلبر جاني.

جانب ڪاڻ جهان ۾، شهر ڦران ٿي سيلاني،
دل لٿي ويو آ دلبر جاني.

اڳ نه هئڙس آهڙي، نينهن ڪيس ناداني،
دل لٿي ويو آ دلبر جاني.

اچي پرين ”عثمان“ سان، گڏ ٿيندين شل گذراني،
دل لٿي ويو آ دلبر جاني.

ڪافي:43

جيـــڏيون ڪيـــئن وســـاريان، پنهنجـــو ملـــڪ مليـــر.

پـــٽ پهرينـــدس ڪينڪـــي، لـــوئي ابـــاڻي ليـــر.
پنهنجـــــــــــو ملـــــــــــڪ مليـــــــــــر.

ڪـــرڙ ڪڪوريـــا ڦـــوڳ ڦلاريـــا، پيـــرون پڪـــا ٿـــي پليـــر،
پنهنجـــــــــــو ملـــــــــــڪ مليـــــــــــر.

”عثمـــان“ آڪـــي عشـــق منجهـــارئون، عمـــر نـــہ ڪـــر اَســـير،
پنهنجـــــــــــو ملـــــــــــڪ مليـــــــــــر.

ڪافي:44

جيڪا آهين تون ذات، تئين وجي ساڳي سائي.

جاءِ جنهين ”لا“ ظاهر ظهورو، اتي عشق جو ڪامي تو ڪورو،
موتوا قبل مرجات، ڪنهن سان ڪندين، پوءِ وَصل جدائي.

اصل آهين تون لامڪاني، پوش پهري تون آئين انساني،
صحي ڪر صفات، وفي انفسڪم ٻولي ٻڌائي.

جڏهن ڪرين تو جسم وسارو، تڏهن پسين تو نوري نظارو،
عين ٿيئي اثبات، سير ڪري ڏس ساري خدائي.

ڪيڏ ”عثمان“ بره بنوالي، پاڻ چڏي تيءُ پاڻ ڪان خالي،
ڪير آهين ڪمذات، اصل سڃاڻي ڪر تون ادائي.

ڪافي:45

جيڪا مان ٿي ڀانيم، مان ناهيان، جڏين مام سڃاتم مان آهيان.

مان واري جيڪو ٻولي، ڏنم اندر جون اکڙيون کولي،
ڳوٺ پنهنجي ۾ لڌڙم ڳولي، طرف ٻئي وري ڪيئن ڪاهيان.

"لا" واري جڏين سيف سڄي، ڀورا ڪيم هستيءَ جي ڀت ڀڃي،
وهندو واقف ٿياسي وصال وڃي، اتي مام پروڙيم تہ مان ڇا آهيان.

عرش زمين آسمانن تي، جيڪو خان آهي پنهنجي خانن تي،
چڙهيو آهي برهہ بقا جي بانن جو، اتي ڳيت اناالحق ڳايان.

اها "عثمان" عشق ڳلي، آهي پاڻ سڃاڻڻ لئي سولي،
جوشن ۾ وئي جندڙي جلي، اتي نانهہ منجهئون مان سارو آهيان.

ڪافي:46

جيکي ٻوليون عشق ٻڌايون، سي دين کفر ۾ ناهن آيون.

ابتڙ آهي عشق جي ٻولي، سمجهي سالک پريت پرولي،
اهي اعتبار ۾ آيون.

عشق جنهن تي کري امارو، اسم جسم جو کري وسارو،
ڏئي وجود وڃايون.

عشق جي ساقي سرک ڏئي ٿو، اها "عثمان" جو پِک پئي ٿو،
وجهي ٿو کنڌ کپايون.

ڪافي:47

جيڪي هوندم حياتيءَ ڏينهڙا،

گڏ گوليءَ سان گذاريندين، ننگ پال هادي ننگ پاليندين.

در پنهنجي تان تون دلبرا، لائق پريا نه لوڏاريندين،

پرچڻ پنهنجي جون ڳالهيون، سهڻل يار سيڪاريندين.

ديدان ديدن ساماهان، ڪڻي نيڻ نهاريندين.

الله لڳ ”عثمان“ ڪي، درسن دوست ڏيکاريندين.

ڪافي:48

ڇا ڪون ٿو ڇڏي وڃي، گونڌر ڳڏي وڃي،
بر ۾ بيراڳڻ ڪيوَ، سُڃ ۾ سناسڻ ڪيوَ،
پنهون پيارا منهنجا خان.

ٿرن ٻرن ۾ ان نڪو پاڻي، پرت پياري جي ساهه سيباڻي،
پئي آهيان پتن تي الله جي امان.

ڏکي ڪي ڏاڍو ڏونگر ڏورڻ آيو، اٿو ڙي سرتيون ساٿ سنپاهيو،
هٿي وئين هيٺيءَ ڪي ڪُک وارا ڪان.

آکي ”عثمان“ مان انهن جي آهيان، سچ چوان ٿي ٻي ڪنهن جي ناهيان،
ووڙيندس ور ڪٺي ساز سامان.

كافي:49

چڏي ڪيچ ڪوهيار، هت ڪنهن قسمت آندو.

سعيو هئڙس سير جو، سير ڪرڻ سنسار،
وطن ڪان چڻ واندو.

هتي هئڙو هيڪلو، ڪم سڪيو اچي ڪار،
ڪتن ۾ چڻ ڪاندو.

آئي تنهنجي عيدان ٽيڙون، صورت ۾ سردار،
سڀ ڪنهن ڪي سيباندو.

آيو ”عثمان“ ذات متائي، لٿا غم غبار،
لالڻ ليئو پائيندو.

كافي: 50

حسن مير حسين كي ورتيون ٿا وَجن،
كنيو وجي غريب سان ميلك معصومن.

ننڍي چيو وڏي كي، ادا مير حسن،
قابو ٿيا سي قيد ۾، سوگها مندو تن.

جابر چٿي موكلي، پوپٽ منجهه پرن،
كنيو وج واءُ واچوڙا، جتي علي رضه جن.

راڻي گهوٽ گهرايا، پسڻ لئه پرين،
آسي ”عثمان“ چئي، هٿ لعل ٿا لڏن.

ڪافي: 51

حسن جنگ جا هزار زخم ها تہ ها تہ ها،
سيني تي عاشقن جي لڳا نا تہ ناتہ نا.

چنيڻ چوهہ ڪان اکين، چِرا چلڪ تي چُتا،
ڏُو ڏُو جي ڏک لڳا تہ تيا گهاتہ گهاتہ گها.

ڏنگا ڏور نا رهن، جاڙا جنگ ڪان جدا،
ابروءِ مثل تيغ وهيا ڪات ڪات ڪا.

زلف زور سان زنجير وجهن ڪنڌ ۾ ڪمند،
واسينگ جان ونگن وجهي وات وات وا.

”عثمان“ روز عاشق اڏيءَ تي اچي اُهي،
جي مانجهي ’موتوا‘ ميدان ۾ تيا مات مات ما.

ڪافي: 52

خيال ڪي سمجهي خدا، دم اعتبار ۾ آيو آ.

خيال سُڄاڻن غوريا غازي، سر ڏئي سمجهن ساري بازي،
فڪر ۾ رهن فدا، پاڻ ۾ پُرجهي جن پايو آ.

خيال ڪي خيال سڃاڻي سارو، ظاهر باطن هڪ نظارو،
ٿيڙن غير جدا، جن ڳيت انالحق ڳايو آ.

پيرِ مغان جي پُرجهي ٻولي، ڳالهه ڳُجهي تن آهي ڳولي،
جن اهي ٻول ٻڌا، لاڳ عشق تن لايو آ.

خيال جو انت نه ڪو ”عثمانا“، بي مثل بيچون بيانا،
ٿي ڏس محو مدعا، وحدت ڪثرت ڪايو آ.

ڪافي: 53

دارون هـــــن درد جـــــو، ڏســـــڻ بنـــــا آهـــــي ڪونـــــ.

جـــنهن ڏٺـــو ســـينگار ســـڄڻ جـــو، ڇڪَـــنُ ٽيـنـــدا ڇـــو نـــ.

دارون هـــــــــــــــــــــــن درد جـــــــــــــــــــــــو.

يـــاري لائـــي ٽئـــين يـــاڪي، ڪـــو جـــو پَهـــ پيـــون.

دارون هـــــــــــــــــــــــن درد جـــــــــــــــــــــــو.

آهـــي ”عثمـــان“ غـــلام اوهـــان جـــو، ڳِـــڻن ســـان ڳِـــڏون.

دارون هـــــــــــــــــــــــن درد جـــــــــــــــــــــــو.

كافي: 54

درد دکايم دونهان، سيک ڏئي دلڙي سورن ساڙي.

يار ملي غمخوار جو مونکي، ويهي کندس ورونهان،

الله کندو اهو ڏينهن ڏهاڙي.

دونهان درد جا روز دکن، تا لهس ڏين مَر لونهان،

عشق تنهنجي ڏاڍي چونکي چاڙهي.

دم دم دانهن کيان دل ماندي، سور تيا تم سونهان،

عشق لڳو تڏهن تيس اگهاڙي.

باهه برهه جي هئي ”عثمان“، کيا هن قت قلونهان،

ألا اچن جيئن ٻرندي اماڙي.

ڪافي: 55

دردن جا طوفان، عشق اوهان جي ألا ڪيئي اتاريا.

لنو لنو ۾ تن لات لطيفي، حمد پڙهن سبحان،
ذوق اوهان جي ذري ڪيئي مارايا.

گهيڙ عشق جي گهڙندا گهاتو، ڪوهہ انهيءَ ۾ خان،
ٻئي تڙ وري تنهين تارايا.

سر ”عثمان“ سچڻ اڳيون ست تون، مرڪي منجهہ ميدان،
مرڻ جيئڻ لئي سر سينگارايا.

ڪافي: 56

دردن لايون ڏندڪارون، باهہ باهہ جي تي پڙڪي،
واتر عشق اتاريو، درد لايون ڏدڪارون.

تنهنجي فراقن ڪئي دل فاني، تنهنجو رهيو نينهن نشاني،
ٻيو سڀ عشق اوتارون، صورت تنهنجي سهٽي چو طرف چوڏارون.

جاني جدائي تنهنجي تي ماري، ڏور وجڻ جي ڳٽتي ڳاري،
هاٽي سو هوت هيڪارون، بي پرواهہ رهين تو مشتاقن کي مارون.

تنهنجي ڏسڻ لئہ ڪريان تي آهون، دردوندن جون سٽي دانهون،
ڏڪڙا ڏين تا ڏيکارون، چِڪيا چاڪ چڪن تا دل ڦٽي تي ڦارون.

آهي "عثمان" سڪ سوائي، هيئن نہ گهرجي جيئري جدائي،
ڪوڙين ڪريان تي ڪارون، هن ويجهاٽي دلبر ڪئي ويسارون.

ڪافي: 57

دلبر سان دل منهنجي اڙي، جند جان سورن ۾ سَڙي.

ڏک يار لئي ويٺي ڏوريان، ڦٽ چاڪ چڪندا چوريان،
پنهنجا پاڻ سان ويٺي اوريان، اهي سبق سورن جا پڙهي.

سڌ نه هيڙم سورن جي، محبت سندي مذڪورن جي،
پل پل پرين جي پورن ۾، دردن اچي لائي ڏڙي.

راتيان ڏينهان تي ساريان، هڪ دم نه دوست وساريان،
گوندر ۾ تي ڏينهن گذاريان، سڏڙا ڪيان روئي رڙي.

”عثمان“ تي هتڙا ڏري، محبت اوهان جيءَ ۾ مري،
جڏهن ”قمر باذني“ ڍولڻ ڪري، مُئي ساهه تيندس ڪڙي.

ڪافي: 58

دل لُٽي دلبر جو وَئين، تو کي جاني نہ جڳائي،
موٽائي سان دلبر منهنجي دل نٿا ڏيو.

دل وَئين ڏاڙو هڻي، هيءَ واه جا تو کي وڻي،
مانديءَ کي محبوب جياريو، اوهين جيو.

سوين ڪيان تي حيلا، لکين ڪروڙين نيلا،
چوڙيان ڪين چٽي تو، قابو پيچ جو پيو.

”عثمان“ آهي سوالي، تنهن کي نہ ورايو خالي،
اميدوار آهي، تنهن کي پنهنجو چو نٿا ڪيو.

ڪافي: 59

دلڙي دلبر يار، وڪوڙي ويهي رَهين.

درد عشق جي ورهه واسي، مونکي ڪيڙوَ پري پاسي،
ديـن ڪفـر ڪان ڏار.

تازي ڪيڙس طلب تنهنجي، آءُ پيارل اگڙ منهنجي،
ياري مَـٿ نـه يار.

ساهه تـه سوگهو ڪيئي سڄڻان، ماڻهو ڏين ٿا تنهنجا مِهڻا،
منهنجي سر سينگار.

آهي ”عثمان“ سڄڻ تنهنجي سڪ ۾، لنئڙي لائي وئين لالڻ لِڪ ۾،
هاڻي مِل هڪوار.

ڪافي: 60

دلڙي لٽڻ تو کي نا هئي دستور،
نماڻن جي نازن سان.

عشق نہ ڏي آرام اسان کي،
سوز سڄڻ جو آ سانديڻ سُور،

مرڪڻ سان مست جو ڪيڙوَ،
چشم ڪن ٿا چڪنا چور.

اچي ”عثمان“ تي اکڙيون اَڙائي،
ڏسڻ سان ڪَن ظلم ضرور.

ڪافي : 61

دل ڪي دام وڌو تو دلبر،
ناهي چنڻ ڪنهن جي چوڙڻ جو.

”هو“ جو ڏاڍو ڏس ڏنائون، سِر جو سانگو لاهہ چيائون،
لهر انهيءَ ۾ لوڙهڻ جو.

يار سڄڻ جو سخن بہ سهڻو، ڳل ڳچيءَ ۾ پاتم ڳهڻو،
دين ڪفر ڪي ٽوڙڻ جو.

يار هاديءَ جو سخن فرمايو، سدا انهيءَ جو گهرجي سعيو،
ٻيائيءَ ڪي وري ٻوڙڻ جو.

چوي ”عثمان“ سائينءَ سمجهايو، تہ جاءِ ڳجهيءَ ۾ جانب آيو،
ويهہ نہ، ڪر وس ووڙڻ جو.

كافي: 62

ديد ڏيکارن، مرکي مارن، ڳالهه کتا کن کيهي وو.

اکين تنهنجين ۾ آتش ڏاڍي، جان جلائڻ جيهي وو،
مشتاقن کي مرکيو مارن، ٿين سودائي سي ئي وو.

سوز وارن وٽ سهڻا سائين، واقف ٿيا ها ويهي وو،
سوز گداز ۾ سڙيا سي، نانهه ٿيا وجي نيهي وو.

ڳجهه جي ڳالهه نه ڳرهن کنهن سان، سور سلن نا سوئي وو،
ديدن جو درياءُ ڏسي، پاڻ ويا منجهه پيهي وو.

آهي ” عثمان“ جو يار اوهان کي، معلوم حال مڙيوئي وو،
ڏس جنين جا ڏور پيم تي، ڏيهه گڏيا اَتم ڏيهي وو.

ڪافي: 63

ڏاڍو ڪـــو برهـــ بڇـــايو ٿئـــي، صـــبر آرام وڃـــايو ٿئـــي،
سُــــــڌ نـــــ ســــــورن جـــــي آ ڪَــــــل ڪــــــا مـــــونکي.

تـــاڪون تـــي تـــاراج ڦـــران مـــان، جـــاڪون جـــادو لايـــو ٿئـــي.

ٻنگـــي ٻـــاڻ هڻـــي وئـــين ويتـــر، ٻـــولي ســـو ڪـــين ٻـــڌايو ٿئـــي.

ســـوگهو ســـاهہ ٿئي ڪِيئُـــي ســـانديِ، لالـــڻ ڪيـــئن نـــہ لڪـــايو ٿِـــي.

اڇـــي ”عثمـــان“ ســـان ڪـــري عنايـــت، پـــيچ پـــرت جـــو پـــايو ٿئـــي.

ڪافي : 64

ڏڪن جي ڪاڻ ڏاڍن سان، اڪيون ڇو ٿيون اوهين اَڙجو.

پڇو ٿيون پيچرو پِر جو، رڪو سانگو نه جو سِر جو،
جنين نا ترس ڪو تِر جو، متان وڃي اوچتي مڙهجو.

جوکو جيءَ جي اَتو جاتي، وڃي تڪيو ڪريو تاتي،
لُٽن دلڙي ليئي پاتي، ليئو پايون اوهان نا لڙجو.

ڪيو ٿيون سير جو سعيو، لڪي نه لنو اوهين لايو،
ڇو ٿيون پنهنجو پاڻ ڦاسايو، متان قابو قيد ۾ ڪڙجو.

سٽي سپ لوڪ ليا ڪا، وڃائي سپ صحي سياڪا،
چستئون ڇائي قدم بانڪا، ڪاتي انهيءَ خاص ۾ چڙهجو.

اڪيون، تَوَ دوست ديوانو، ڪري تُو محب مستانو،
اتي ”عثمان“ جو جانو، متان اوهين ڪل پئي ڪڙجو.

ڪافي: 65

راڻل ڪر نه تون ماڻا، آءُ گهوريءَ جي تون گهر.

رنج رُساما ڪر نه مُئي سان، پيارل ڪَر پرچاڻا،
اهڙا حَرف نه ڏَر.

ڪرهل ڪڏائي آءُ ڪاڪ تي، سوڍل يار سياڻا،
نه تہ پونديساڻ پتر.

راڻا ٻيا گهڻا راڄ ۾، پر تون منهنجي ساهه سيباڻا،
سائين ويهه اکين جي اندر.

لاتي ”عثمان“ ڪي بره بي آرامي، وڻن سي ڪين وِهاڻا،
سور سڄڻ جو جن آ سَر.

ڪافي: 66

رخُ واريون رَمزان مانڍهون ڪڻُ،
يانيان عيد برابر آهن چڻ.

آءُ پيارل اڱڻ اسان جي، آءُ تہ ڪيون پَرچڻ.

سِڪ سيني ۾ عجب بنايو، وڏيو وحدت وارو وڻ.

عشق اوهان جي آتش لائي، جيئن ڪوري ۾ ڪامڻ.

چئي ”عثمان“ اوهان جو آهيان، خيال نہ مانڍهون ڪڻ.

ڪافي: 67

رِيءَ مرڻ جي ڳَل ڪير سمجهي، سِري و انا سِرَه اِسرار جي.
ريءَ پروڙڻ پانهنجي، اوندهه سان انڌوڪار جي.

”لا“ ڪري وچ تون لنگهي، تي اسمون جسم ڏار جي،
”الا الله“ اثبات ڪر، وَجَهُ الله ويت وار جي.

”موتوا قبل الانت موتوا“، سچ سخن سچار جي،
پوءِ حياتي ٿئي هميشه، اصل جي اعتبار جي.

آد مون آدم ٿيا، صورت ڏسو سينگار جي،
عشق ڪي ٻه ائين ڏسي تو، روئي جا ديدار جي.

آءُ اچي ”عثمان“ ٻڌ، گويا ايها گهفتار جي،
سالڪ تي هي سمجهه رک، ناهي دور ڪا ديدار جي.

ڪافي: 68

زلف متي منهن لڙڪي آ، دلڙي انهيءَ ۾ اڙڪي آ.

تاب حسن جي ڏسي تجلي، عاشق جوشن ۾ ويا جلي،
باهه برهه جي ڀڙڪي آ.

زلف متي منهن بيک بهانو، عشاقن جي ڳل اهو ڳانو،
تاءُ ڏسي تک ٽڙڪي آ.

جلوو ڪري جيڏين آيو جاني، حسن هاديءَ جو نور نوراني،
ڪوپ جلالي ڪڙڪي آ.

ايها ”عثمان“ زلف جي ڦاهي، سهڻل جي لئي ٿاهي،
ڦاتل دلڙي ڦڙڪي آ.

ڪافي: 69

سامي صافئون صاف، اسم الف جو ڳائن تا.

ڪمر ڪولابا ڪشتہ ڪڙيون، جوڳين پنهنجي جيءَ سان جڙيون،
هر گهڙي ڪري ويا گاف، ويتر وڪ وڌائن تا.

موتواقبل مري تا جيون، آب حيات هميشہ پيون،
مرڻ تن ڪان معاف، اسم جسم ۾ جاڳائن تا.

اهي "عثمان" آهن مرد يگانا، يلي اتي ڪن مرد ميدانا،
ڪپي ڪوري ڪوهہ ڪاف، نانگا نات نِوائن تا.

ڪافي: 70

سجدو ڪيو جنهن ڄاڻي، صورت کي ٻـ سڃاڻي.

صورت ۾ صورت ٿيئڙا، هئڻ حجاب ڪون ويڙا،
جيئن پاڻيءَ ۾ پوي پاڻي.

سجدو ڪرڻ ثواب تنهن کي، صورت جي سڌ آهي جنهن کي،
سي ته ڏيان سمجهاڻي.

جن صورت کي سڃاتو آهي، پون پتنگ جيئان شمع ۾ ڪاهي،
ناهي ڪانئن پند پڄاڻي.

اهي ”عثمان“ جي وهم وسارن، موتوا قبلل پاڻ کي مارن،
تن موج الاهي ماڻي.

ڪافي: 71

سڄڻ سيباڻي يار، دل هئين منجهه هيڪاري.

ونحن اقرب اوڏڙو، ائين تون آهين يار.

جيءَ ۾ تو ڪي جاءِ ڏيان، منجهه تو مائين يار.

رمزان منهنجي روح ۾، لڪيو تو لائين يار.

اچي پرين ”عثمان“ سان، تو ڳجهه ڳالهائين يار.

ڪافي: 72

سِڪ سامين کي وڃي تہ رسايو،
ڪرن اوپار وڃڻ جون وايون وايون.

مڙي سامين کيو اختيارو، لوءِ وڃڻ جو لڳو تن لارو،
ملڪ مارن جو سدا وہ وارو، جڙيون جوڳين جون جايون جايون.

هتئون سامي سفر هليا، جهل ڪنهين جي کين جهليا،
انگ انهن جي رلمل رليا، لڪئي لذائون لائون لائون.

جت عاشقن اڪڙيون اڙايون، سر جو سانگو بيشڪ لاهيون،
سوريءَ تي منصور چڙهايون، سر وڙهن سر واهيون واهيون.

عاشق "عثمان" جنهن لئہ اداسي، پسڻ خاطر گهڻو پياسي،
باس انهن اها باسي، نوبت نينهن وڄايون وڄايون.

ڪافي: 73

سڻ سڄڻ منهنجو سوال، آءُ تہ تو لاءِ آهيان اداسي.

جاني نہ ڪر مونسان جدائي، گڏ هجون سهٽا سدائي،
واه ڪر تون ويجهڙائي، وينا ڪيون قيل قال،
تنهنجي صحبت آهي قياسي.

جي تون سڄڻ مون سان ملين، ڪٽي نيڻ ٻئي خوش ٿي ڪلين،
هي تہ منهنجو آهي حال، ڪر تون مون تي پلايون پال،
سپ سمنڊ ۾ جيئن پياسي.

عرض آهي هي يار اسانجو، مقصد ٿئي سپ پورو منهنجو،
پرين منهن ڏيکارين پنهنجو، جلوه ريءَ جاني جمال،
اکڙيون منهنجون آهن اجاسي.

آءُ تہ پرين ”عثمان“ ڏي، آباد ڪر تون دلڙي اڏي،
تنهنجي چو مني ڳلڙي چڏي، هن وِير ڪر وهندو وصال،
سڪ تنهنجيءَ ڪيو آ اداسي.

ڪافي: 74

سوڊل توُن لهج سار، مينڌرا مومل وڃئي ٿي مري.

عشق تنهنجي جون پڙڪن باهيون، چاهه ڏاڊي مان ڀرن ٿيون چاهيون،
تاءَ رکن ٿيون تڪرار، جيئن تپن وڃن سو ڪين ٺري.

سوڊل ڪر ڪا پنهنجي ستاري، مشڪل آهي تنهنجي ياري،
توسان لڳڙي منهنجي تار، هاڻ نہ ڪر مونسان هيتري.

اهو ”عثمان“ سوڊل يار سياڻو، جنهن سان آ پيڙو پيچ پراڻو،
ڏاري ڪندو نہ شل ڏار، چاڪن جنهن جي ڪيس چري.

ڪافي: 75

سهڻي سنگت سناسين جي، منهنجو جيءُ جُڪي تن جوڳين ڪاڻ.

گڏيا وتن گُر سان، ڪاڻ نه ڪدين ڪنهنجي.

دين ڪفر ڪون ڏار، اهي پر ويٺا گَنِ پنهنجي.

وحدت منجهه وجي، اهي مام سيجاڻن منهنجي.

انهن جي ”عثمان“ چئي، عين تو ڪي ڏاڍي اهنجي.

ڪافي: 76

سِير لنگهي بي سِير، وڃن ويراڳي وهڻ انهيءَ ۾.

اَصل پنهنجي تي ويڙا اداسي، اوڏانهن جي هين اُڪير.

سامي سُڄ ۾ ڪن سفر سدائين، فهميدا تہ فقير.

جوڳين جهڙا ويس ڪيائون، ڪاپڙيا ڪن چير.

اهي ”عثمان“ سڻ تون، انهن نامين جا تہ نظير.

ڪافي: 77

شل ايندين مُنهن نہ متيندين، ننگ سُجاڻي ننگپال.

هن ويچاريءَ ويهہ نہ وساري، مِهر ڪري وج منهنڙو ڏيکاري،
ساعت جدائيءَ جي پانيان سو سال.

يار برابر تنهنجي ناهيان، اڳيون اوهانجي آءُ وري چاهيان،
منهنجي اوهان سان ناهہ مجال.

جانب مون کان دم نہ جدا ٿي، ملڻ جا مون سان ٻول ٻڌا ٿي،
توريءَ هت تيم هيڻا حال.

اچي ”عثمان“ کي پرين کيو پنهنجو، ٻيو نہ وٽي تو ٻولڻ ڪنهنجو،
تنهن جا مونکي هت خواب خيال.

ڪافي: 78

شل ٿيندم ڏينهن صدورو، ايندم يار ڪري مون صدورو.

رمز هنيو ٿو پاڙ لڪائين، سڪندن ڪي چو ٿو سڪائين،
چڪندا چاڪ چريءَ جا چڪائين، آهي وندر سندو تہ وندورو.

گولن تنهنجي آهيان گولي، مون تہ ٻانهپ اصل ڪان ٻولي،
ڳلي ڳلي ۾ آهيان ڳولي، آءُ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهورو.

ليکي توڙي يار نہ ليکي، تہ بہ آهيان اوهان جي ليکي،
سي ڳڻ ڳايان ڪيوَ جيڪي، آهي حسن تنهنجي جو هورو.

اچي ”عثمان“ ڪي منٿا ملندين، ڪنيون نيڻ خوشيءَ مان ڪلندين،
اڳڻ اسان جي مور جان ٿلندين، آءُ گهور ڪندس سر گهورو.

ڪافي: 79

سور سڄڻ جي ڏنا مون کي سيڪ، بره جون باتيون اَپر انيڪ.

باه بره جي جيءَ ۾ پيهي، رهن عاشق تن ۾ ويهي،
تَوَ هجن توڙي تيڪ.

باه بره جي ۾ جيڪو ئي پوندو، ڪفر جا ڪلما پاڙهي ئي پڙهندو،
پڙهيو هجي توڙي نيڪ.

چاتيءَ ۾ جڏهن پاتَم جهاتي، سِر تي وهي وئي ’لا‘ جي ڪاتي،
هڪ رهيو وڃي هيڪ.

اهي ”عثمانا“ انهن جون اوجان، سر عاشقن حسن جون فوجان،
’لا‘ جي پڙهن تا لبيڪ.

ڪافي: 80

صوفي صافئون صاف، خيال سان الف جاڳائن ٿا.
اُهي خان خوديءَ کي کائن ٿا.

صوفين لاٿو سِر جو سانگو، لڳو تنين کي عشق اٽانگو،
ڪٿي اهو کوه ڪاف، وه واهه وِڪڙي وڏائن ٿا.

سامين سُرخ دکايا دونهان، سير ساري جا ٿيڙا سونهان،
اُهي ”لا“ جي ماري لاف، ڪعبو قلب پائنئن ٿا.

موتواقبلل مري جيئن ٿا، آب حيات جو پيالو پيئن ٿا،
مرڻ تنين تئون معاف، جيڪي اسم ۾ جسم وڃائن ٿا.

اِهي ”عثمان“ اداسي اهڙا، سخن تنين جا سلڻ نہ جهڙا،
پنهنجو پاڻ حج طواف، هر جا حڪم هلائن ٿا.

ڪافي: 81

عاشق ڪر ريءَ پرن پرواز، هتين پيرين ير هلي هر ڪوئي.

سينا سازي صاف ڪيائون، دردن ڏيئي دل کي داغ،
بجلي وانگي ويا اهيئي، ڪيا هن باز.

اُلي عشق جي نيا اُڏاري، وَڃڻ وڃائن نينهن ناز،
پيئن اوقات واهيري ويڙا، ديدان ٿيئڙن دور دراز.

ڪعبو ڪري دل پنهنجي اندر، پڙهن ٿا نينهن نماز،
ظاهر زُهد نہ ڪن ٿا ڪوئي، باغن ۾ تن بره بياض.

اُهي ”عثمان“ انهن جون چاليون، جيڪي پيا ڪمائن عشق مجاز،
نفي منجهان اثبات ڪيائون، سوري سڪ جا سرندا ساز.

ڪافي: 82

عشــق بنــا ٻيــو ڪــاهي ڪيــر، پيــر اڇــي هِــن پــڙ ۾ پــائي،
ســــــوريءَ تــــــــي نئـــــــي سِــــــــر ســـــــنباهي.

عشــق رڱــو آهــي آتــش بــازي، گهــڙن اِنهــيءَ ۾ گهنــور غــازي،
هجـــي ڪـــو مـــانجهي مـــرد متيـــر، خطـــرا رِجـــا جـــا لاهـــي.

اونهـــو بحـــر عشـــق جـــو آهـــي، ڪامـــل وينـــدا اُتـــي ڪـــاهي،
ڪيـــڏا ڪـــري تـــو عشـــق انـــڌير، سهســـين تـــو سيس گنـــوائي.

نيـــنهن نســـورو آهـــي نـــانگو، مـــور ملحظـــو رکـــي نـــہ ســـانگو،
جـــڏهن وجهـــي تـــو دســـت دليـــر، شـــاهہ گـــدا اڳيـــائنس چـــاهي.

اهــڙي عشــق آهــي ”عثمــان“، عــرش متــي وجــي ڪــري آشــيانا،
جتـــي ويـــري نـــہ ڪـــو ويـــر، پـــل پلـــڪ ۾ نيئـــي پُهچـــائي.

ڪافي: 83

عاشق مويا تہ بہ ڪيا هي، پروان شمع هڪ ٿيا هي.

عاشق اپڻا سر گنوايا، خون دلبر دي ڳل پيا هي.

حسن شمع رلمل عاشق، تہ اي ٻيا هي نا او ٻيا هي.

”عثمان“ صدق هادي تون، جنهن خيال ميرا ڪس ليا هي.

ڪافي: 84

عشــق پــانيم آســان، پــوءِ ڏنــي آهــي ڪــا ســڌ ســورن.

عشــق اصــل ڪــان آهــ اويــڙو، ديــن ڪفــر ســان لائــي جهيــڙو،
ڪــــــو نـــــــ پڇــــــــي تــــــــو ايمــــــــان.

عشـق لڳـو تـان چـور چـري تـيس، وهـم عقـل ڪـان سـاري وئيـڙس،
نيــــــــــنهن ڪيــــــــــو نـــــــــــادان.

عشــق عقــل جــو وهــڻ وجــايو، جــڏهن اوطــاق انهــيءَ ۾ آيــو،
مــــــــــون وٽ تيــــــــــو مهمــــــــــان.

عشق حسن ڪئي فـوج چڙهائي، اچي ”عثمان“ سان لاتائين لڙائي،
اهـــــــــو ســــــــــندس ســــــــــامان.

كافي: 85

عشق نتو ڏي آرام، آيل چو ٿيون مشتاقن ماريو.

دلڙي منهنجي ٿوَ كان كتڻ تي،
كو نه كندي سا ته كام،
چرخو چندن جو ساڙيو كي ٻاريو.

عشق ورتيون سڀ واٽان ورڻ جو،
جيجل پيئندس جام،
نينهن نشي كنيو چو ٿيون ڏتاري.

چشمان چراغان ٻئي ٻرن ٿيون،
پورا ٿيا سرانجام،
پروانن واس اكين سان اڙايو.

”عثمان“ آكي آهيان جو اهڙي،
دل كي وجهي ويا دام،
ناهيان ننڊي مون كي چو ٿيون سيكاريو.

ڪافي: 86

عمر رات ٻڌيون هيم، هنجن جون هونگارون،
آندو آب اکين، وهن نيٽين نارون.

ڪري ڪشت پهريون ڪاڙها تپن ٿا،
پهرين مهل اتر ڏانهن بادل پڇن ٿا،
اُٿي جون مهر تي مينهن جون ملهارون.

اوهان وٽ دهل دف ڏوڪڙي ڳائڻا ڳائن ٿا،
اسان وٽ چڙن جا ٻرن ۾ واڄا وڄن ٿا،
ڇيريون ڇيڪ ڇيلن وڄن لعل سارون.

”عثمان“ اندر ۾ عشق جا آڙاهه ٻرن ٿا،
جدائي جا جگر ۾ دونهان درد دکن ٿا،
موه مارن ڏانهن جڏهن واڳون ورايون.

ڪافي: 87

ڪارونيار وڃن ٿا ڪاهيون،
سِڪ سامين ڪي نِئي ٿي ساهيون.

سامين اتي نئي اڪڙيون اَڙايون، سر جو سانگو لاهيون،
سوليءَ تي منصور چڙهايون، نوبت نينهن وڄايون وڄايون.

صورت ريءَ جو سامي هليا، جهل ڪنهن جي نا جهليا،
رمز انهيءَ ۾ رلمل رليا، لِڪئي لڌيون لائون.

سامين سفر اهو اختيارو، لوءِ وڃڻ جو لڳو اتن لارو،
ملڪ مارن جو سدا وهنارو، جڙيون جتن جون جايون جايون.

اهي ”عثمان“ اصل اداسي، پسڻ خاطر وتن پياسي،
بس ڪرڻ جي تن باس باسي، منهن ۾ اتن سوراهيون.

ڪافي: 88

ڪاڻ تنهنجي يار جاني، وتان بيراڳڻ بيبي.

ڳجهه جون ڳالهيون ڳايان، ٻئي ڪي ڪين ٻڌايان،
سهٽا تو ڪي سليان ني، ڪالهه ڪيئي سڄڻ سيبي.

پڪي پاٺهين اچي پينين، دلڙي لٿي وجي ويئين،
توسان آر ڪيئن ڪيان ني، ريب ڪري وئين ريبي.

دوست دلاسو ڪو ڏيندين، اڱڻ مُئي جي ڪڏهن ايندين،
پنهل توسان پرچان ني، ڏس ته مونکي اهو ڏيبي.

اچي ”عثمان“ سان ملندين، ڪٺي اکڙيون ٻئي کلندين،
ڏسان صورت ڪا لاثاني، وڃن ڏکڙا هليا هيبي.

ڪافي: 89

ڪنهن ڪان سکين يار سيباڻا، ايڏيون بره ۾ بيپرواهيون.

هيئن نہ گهرجي يار نذر سان، جيئري ڪرڻ جدايون،
سوال ڪندي تيا سندئي ساٽا.

اول اڙائي عشق اکين جو، پوءِ سٽيي سرواهيون،
گهايل دل ڪي وجهي وئين گهاٽا.

آءُ ”عثمان“ ڏي سهڻا سائين، پاڻ اچج پرچايون،
مُلهہ گِڏل سان ڪرين ڪيها ماٽا.

ڪافي: 90

ڪَهڙُ تون ڪانگ ڪلامان، آهين تون جيءَ جو جياپو،
منڙيون منڙيون تنهنجون مامان.

ڪانگ! جدائي آءُ نه سهان ٿي،
رمز انهيءَ ڪوڙن آءُ نه رهان ٿي،
دم جدا نه جيان مان،
دونهان درد دکن ٿا، اهي سي ڪين اجهامان.

ڪانگ! اچڻ جي هَنِ ڪا تياري،
آءُ تني جي محبت ماري،
سوزن منجهه سڙان مان،
باهه برهه جي ٿي پڙڪي، ڪوري ۾ عشق جي ڪامان.

جي تون ڪانگل ائين او ڏاهون،
ڪيئه ڪي عجيبن سان منهنجڙيون آهون،
اهي سي ٻول ٻڌان مان،
ڱجهڙيون ڱجهڙيون سي ڳالهيون، ڪنديس سڄڻ سامهان.

ڪانگ! اسان سان ڪڏهن ٿيندو ميلو،
اچي ”عثمان“ چئي سڄڻ سويلو،
ڪل ڏيو اوهين ڪا مان،
گولي ٿي تہ گذاريان، گڏ هجان سائڻ سان مان.

كافي: 91

كهڙي بنائي بازي، آزي عشق كرائي تو.

عالم عابد عشق ڀُلائي، شاھ گداگر شير نوائي،
ترت ٿنهين سان تازي، آزي عشق كرائي تو.

عشق اڇي جت خيما كوڙي، دين كفر جا ٽڳا توڙي،
ملان هجي توڙي قاضي، آزي عشق كرائي تو.

پنڌ عشق جو اوكو آهي، كامل ويندا كي اُت كاهي،
جاتي ’قبل‘ ناهي كو ’ماضي‘، آزي عشق كرائي تو.

سر ”عثمان“ هاديءَ تان گهوري، آءُ نہ پچان تنهنجي هكڙي توري،
رمز ڏني دل راضي، آزي عشق كرائي تو.

ڪافي: 92

ڪيچ ڇڏي ڪوهيارو، ڪنهن قسمت آندو هو،
اُتي هُيڙو هِيڪلو، سيل ڪرڻ سنسار.

وطن ۾ واندو هو، ڪنهن قسمت آندو هو،
سعيو ٿيڙس ڪم ڪرڻ جو، سڪيو وڃي هو ڪار.

ڪٿن ۾ هيڪاندو هو، ڪنهن قسمت آندو هو،
آئي تنهنجي عيدان ٿيئڙيون، لٿا غم غبار.

لعلڻ ليئڙو پاندو هو، ڪنهن قسمت آندو هو،
آيو "عثمان" ذات مٿائي، صورت جو سردار.

ڪافي : 93

ڪين سجاڻي ڪين ٿيا، ڪين ڪي ڄاڻي ٻيو ڪير.

ڪين وارو ڪن آهي ڪاري، جيڪي گهڙيا تن سُڌ ساري،
پوَ انهيءَ جو پير، ڏاها اهو ڏسين ٿيا.

ڪين وارو جن سير سجاتو، انهن اڻ ڄاتو آهي پاتو،
عاشق ڪن ٿا اندير، هستي وڃائي حسين ٿيا.

ڪنڌيءَ ڪين ڪنارو ناهي، ڪوپا ويندا ڪي ات ڪاهي،
سر نہ ڪو ڄاتي پير، رنگ رچائي رنگين ٿيا.

اهي ”عثمان“ انهيءَ پنڌ آيا، جيڪي پير مغان پرڇايا،
شوق جنين جو آهي شير، اَملُ سجاڻي امين ٿيا.

ڪافي: 94

ڪيئن نہ وجان، ٿيان ڪوڙي، ٻول ٻڌا هَم وَرَ سان ويهي.

وَر تہ پنهنجي ڪي ووڙي لهنديس، پنهل آهي منهنجي موڙي،
ڪنديس ڪشالا پٽر ۾ پيهي، ٻول ٻڌا هَم ور سان ويهي.

جبل لنگهنديس جوش منجهارون، جئين تہ وجي واڇوڙي،
تڪڙي ويندیس تن ڏي تيهي، ٻول ٻڌا هم ور سان ويهي.

ڪنديس مان چا غلم غاليچا، سپ درياه ۾ وجهنديس ڏوڙي،
ڏيهہ انهيءَ ۾ وجي ٿيا ڏيهي، ٻول ٻڌا هَم وَرَ سان ويهي.

ڳالهہ ڳجهي آ اها "عثمانا"، پاڙيچن سا نہ پروڙي،
سڌ سرتين کي آهي ڪل ڪيهي، ٻول ٻڌا هَم وَرَ سان ويهي.

ڪافي : 95

ڪـــين تـــي عاشـــق ســـجاڻن، ڪـــين واري حـــال ڪـــي،
ذات ۾ ذاتـــــي ٿيـــــا، قربـــــان ڪيـــــائون قـــــال ڪـــــي.

گـــــم ٿيـــــا وجـــــي ذات ۾، صَـــــحي ڪـــــر صـــــفات ۾،
ڏيـــنهن تـــوڙي رات ۾، وجـــي خـــود ڪيـــائون خيـــال ڪـــي.

پـــول هســـتيءَ جـــا پجـــي، ويـــا وجـــائي ات وجـــي،
موتواقبلـــل ڳـــالهيون مجـــي، پـــوءِ ســـمجهئون ســـوال ڪـــي.

وجـــي "ناهـــ" منجهـــ نفـــي ٿيـــا، اثبـــات ڪـــري اڳتـــي ويـــا،
قلـــزم پســـي پيهـــي پيـــا، واقـــف ٿيـــا وصـــال ڪـــي.

"عثمـــان" نـــانءُ ســـجاڻ تـــون، پنهنجـــو نـــ آڻـــج پـــاڻ تـــون،
جـــاڻي وجـــائج جـــاڻ تـــون، ڏس جـــذبو جـــوش جـــلال ڪـــي.

ڪافي: 95

ڪيت پسڻ جي خوشي اٿم، اتڙو ملڪ ملير مارن جو.

مڪڻ ۾ ماڪيون تنهنجا ڪيڻ نہ ڪائيندس، لوئي اباڻي ڪين لڃائيندس،
ڪٿو وجي پيئندس ڪير مارن جو.

ساعت ساعت ۾ سانگي ساريان، اهڙا اباڻا ڪيئن وساريان،
جيءَ اندر اٿم ڪو جهير مارن جو.

ننگي پنهنجو ننگ نہ ڇڏيندا، نتر نماڻي نال جو نيندا،
صاحب رکجانءِ تون سير مارن جو.

اچي "عثمان" پنهوارن پٽن ۾، خوش ڪن ڪٿيون لٿن ۾،
ٻنڌڻ نہ مَرڪ منڌير مان جو.

ڪافي: 96

لايون تو لِڪ لڪين، گهڻو تو من سِڪي.

ڪري نقاب مون آئين، ماڻو چو يار رڪين.

پرچڻ پنهنجي جون ڳالهيون، سڄڻ ڪنهن ڪون سڪين.

آءُ پرين "عثمان"ڏي، ڪڏي آ وڪ وڪين.

ڪافي: 97

مـــــارن جـــــي مِلـــــڻ جـــــي خوشـــــي اتـــــم ڏاڍي،
کيـــــــت ڏســــــڻ جـــــي خوشـــــي اتــــم ڏاڍي.

مکڻ ماکيون کائن نہ کائيندیس، لوئي اباڻي لاهي کين لڄائيندیس،
اتــــو آهـــــي ملــــــڪ مليـــــــر مـــــــارن جـــــو.

نيٺ مـارو پنهنجـو ننـگ نہ ڇڏينـدا، نـٽر نمـاڻي ورتيـون نـال نينـدا،
صـــــاحب رکينـــــــدو ســــــير مـــــــارن جـــــو.

ساهہ سانگين کي سدا منهنجو ساري، اهڙا اباڻا کيـئن ويهـان وساري،
جـــــيءَ انـــــدر اتــــم جهيــــــر مـــــــارن جـــــو.

اهي ”عثمان“ پنهوارن پٽن تي، خاصيون کٽيون کنيون پائن لڱن تـي،
ٻـــــــڌڻ نـــــــ ملــــــڪ مـــــدلير مـــــــارن جـــــو.

ڪافي: 98

مارئي مير عمر، سنگهارن جي سڏجي.

عمر آندي مائي زور ڪري هيءَ زوري،
ڪل نہ پئي مارن کي چور ڪري آئين چوري،
خبر پوي ها ڪين مارڻ ٻاجهون نہ مڙجي.

تنهنجا بنگلا ماڙيون ڪم مون ڪين اچن،
ويڙهيچا ويڙهن ۾ تا واري واري تي ويهن،
پاڙي تنهن جي پکڙيو اباڻن سان اڏجي.

مٺڙن مارن جون منڙيون مجلسان،
جيڪر ٻڌي هوند ڪرين ها ريسان،
سنگت سنگهارن جي چو چني اها چڏجي.

اتي ”عثمان“ سرتيون ساهيڙيون سارن،
ڳجهہ اندر جون ڳالهڙيون هر هر تيون ڳارن،
موڪل ڏي تہ ملان گڏ وجي تيان گڏجي.

ڪافي: 99

مارن جهڙا ماڻا، ڪنهن ڪان سڪئين يار سياڻان،
جوڙي جادو جانب مونکي، دوست هٽي وئين داڻا.
وتون ٿا يار ويڳاڻا.

ٻانهان گولا آهيون اوهانجا، ديد خريد وِڪاڻا،
تنهنجي نالي اصل نماڻا.

عرض ڪيان ٿي ڪري نہ سگهان ٿي، ويرن جان ڏيو وراڻا،
ڏيئي دپ داءَ ديڄاڻا.

ٻاه ٻره جي پيڙ پڙڪي، دونهان درد دکاڻا،
اُهي ڪين اُجهاڻان.

اچي ”عثمان“ جي دل تي دلبر، سلا سِڪ جا ساماڻا،
ڏينهون ڏينهن اجهاڻا.

ڪافي: 100

مارو ملندم شال، اميد نہ لاهيان.

ماڻهو مير ملڪ منهنجي جا، ايڏا سندن اعتبار،
ويٺي واٽ واجهايان، اميد نہ لاهيان.

پَٽ پٽيهر بافتا، لوئي اباڻي ليڙ،
هٿ ڪيئن لڄايان، اميد نہ لاهيان.

اهڙا "عثمان" پنهوار پٽن تي، مارن چوڙيا مال،
بيٺي ٻر ۾ ورايان، اميد نہ لاهيان.

ڪافي: 101

مَن ۾ ٻاري وئين مچ، جانب اچ، تو لاءِ ساهُ سِڪي ٿو.

سچو آهين سپرين، ڪوڙ سڀ مون ۾ ڪَچُ،
جانب اچ تو لاءِ ساهُ سِڪي ٿو.

اچي ويهج اوڏڙو، ڳالهيون ڳرهيون ڪي ڳچُ،
جانب اچ تو لاءِ ساهُ سِڪي ٿو.

وحدت واري ويڙهه ۾، ڪثرت پائنج مَ ڪَچُ،
جانب اچ تو لاءِ ساهُ سِڪي ٿو.

هر جاءِ ”عثمان“ چئي، رمز انهيءَ ۾ اَچي رَچُ.
جانب اچ تو لاءِ ساهُ سِڪي ٿو.

ڪافي: 102

نازڪ نيڻن ساڻ، دلبر دلڙي لٽين ٿو.

نيڻ سڄڻ تنهنجا، نوان نوان بالا،
چارئي چشمان چاڻ، چوٽ ڏئي چُٽين ٿو.

ريتيون رُسڻ جون ڪاٿئون سکين سڄڻان،
پاسي نہ ڪر پاڻ، مون ڏهون چو منهنڙو مٽين ٿو.

آهي ”عثمان“ ڪي اصلئون اوهان جو،
ٻنڌڻ لاڪون ٻاڻ، چوڙيان ڪين ڇٽين ٿو.

ڪافي: 103

نانءُطالــب ڪـــين ســـڏاءِ، طلـــب ســـچي رک پـــوءِ تـــي طالـــبُ.

منجهئــي وڙهــُ ”مــان“ ســين ويڙهــا، اِســم جســم ســان لاءِ تــون جهيــڙا،
”لا“ سِــين خطــرا ســي لــڏاءِ، طلــب ســچي رک پــوءِ تــي طالــبُ.

هيــڏي هــوڏي ڪــوه وجــين تــو، هســتيءَ جــي پــتِ چــو نــہ پجــين تــو،
اربـــع عناصـــر تـــون اڏاءِ، طلـــب ســـچي رکُ پـــوءِ تـــي طالـــبُ.

تنهنجـــو ئـــي آهـــي ”عثمانـــا“، بحـــر بيرنـــگ بـــي تـــہ بيانـــا،
تـــنهن کـــي وينـــو ويـــر وڏاءِ، طلـــب ســـچي رک پـــوءِ تـــي طالـــبُ.

ڪافي: 104

نَڪي خوف رِجا جا خفا خفا، آهي عشق الاهي خيال ۾.

نفيءَ منجهان اثبات ڪيائون، نينهن ڏنا ٿن نفعا نفعا،
اُهي تل ٿي ويڙا تال ۾، آهي عشق الاهي خيال ۾.

لاهوتين لنوڙي لڳي واه، وريا مون وفا وفا،
اُهي واقف ٿيا تہ وِصال ۾، آهي عشق الاهي خيال ۾.

خيال خدائي آهي جن کي، درد پڙهن ٿا دفعا دفعا،
اهي فنا ٿيا في الحال ۾، آهي عشق الاهي خيال ۾.

اهي ”عثمان“ نينهن نهوڙيا، سِر ڏنا اَٿن صفا صفا،
اُهي ڪيئن سجاپن قال ۾، آهي عشق الاهي خيال ۾.

ڪافي: 105

واهه بنايئي بازي، آزي عشق ڪرائي ٿو.

عشق اچي جاتي خيما کوڙيا، دين ڪفر جا ٽڳا توڙيا،
ملان هجي توڙي قاضي، آزي عشق ڪري ٿو.

عالم عابد عشق ڀُلايا، شاه گداگر شير نوايا،
ترت تنين سان تازي، آزي عشق ڪرائي ٿو.

اوکو پنڌ عشق جو آهي، ڪامل ويندا ڪي أُت ڪاهي،
جاتي قبل نا ماضي، آزي عشق ڪرائي ٿو.

سر "عثمان" تون گهوري، آءُ نه پڇان تن جي هڪڙي توري،
رمز لڳي دل راضي، آزي عشق ڪرائي ٿو.

ڪافي: 106

وُجُودئون ٿي ويسارو، تڏهن ٿيئي سير سُلطاني.

لنگهي "لا" ڪان اڳي ٿيوين، مُوتواقبل مَري جيوين،
پيالو بيخودي پيوين، نشي ۾ سير ٿئي سارو،
چڏي لڪ ٿيءُ لاثاني.

طرز طلسم چڏي تون ني، وجي ٿي بحر بي چوني،
اٿي سُڌ يار جي اونهي جو، ڪارونيار ڪُن ڪارو،
تنهين جي ناهي نيشاني.

ٻيائي ڪي چڏج ٻوڙي، لنگهائي لَهر ۾ لوڙهي،
محبت ڪون نہ مُنهن موڙي، وَڏائي وِڪ ڪَر وارو،
جُدا توڪئون ناهي جاني.

اَوڪي "عثمان" آ بازي، ڪٽن ٿا گوءِ ڪي غازي،
رضا منجهہ رند ٿيا راضي، هٽن ٿا نينهن جو نعرو،
انهن ڪي آهِ آساني.

ڪافي: 107

وساري يار وجي ويٺين، چريءَ جا چاڪ نٿو چيٺين.
تو کي سهڻا ناهه صلاح.

من ۾ مچ مجاز تنهنجي جا، جيءَ ۾ جانب يار،
مون اندر ٻري آڙاهه.

اکڙيون طرف توهان جي دلبر، نير وهائن نار،
مان ته رويو نهاريان راهه.

ڳجهه جون ڳالهيون کنهن سان کريان، تو ٻِن منهنجا يار،
مون کي ٻي نه ورونهه واهه.

آهي ”عثمان“ اکي اکنڊ اوهان جي، تن ۾ تانگهه تنوار،
منهنجي ساهه ايڏاهين ساهه.

ڪافي: 108

وَئين سور چڪائي ساھ جيڏي ڪيئي،
جيڏي ڪيئي مان چوندس ڪين ڪهي.

روز ازل ڪان قول ڪيا هيئي نينهن نڀائڻ جا،
اهي سخن سچار، تنهن جا ويا اتم روح رهي.

ڪري فراقي ٿئين وَڃي ياڪي، ڪسي دِلبر دِلڙي،
هڪ ساعت يايان سال، پَري پِرين ڪان پئي.

يار سياڻان ڳر نه تون ماڻان، هيڏا هيٺيءَ سان،
تنهنجا بي پرواهي بار، مان سگهندس ڪين سَهي.

هنجڙيون هاري، ساھ سنپاري، پل پل پرينءَ ڪي،
اتي ”عثمان“ اوهان جي يار، ڪيو آهي نينهن نئي.

ڪافي: 109

ويجهو ويهه ورونهن ڪريون، تو ڪي ڪيو آ ساهه سلام.

خاوند جوڙي خاوند ڪيئڙو، اصلئون عشق امام.

فاذڪروني اذڪرڪم، ڪيئي اِهو اَنجام.

ڳالهه ڳجهيءَ جي ڪل نه ڪنهنکي، اها چا ڄاڻي عام.

ياد آهي هڪ يار اسان کي، وسري ويا ڪُل ڪام.

اچي "عثمان" سان اڪڙيون اَڙايئي، تنهنجي ديدن وڏو دام.

ڪافي: 110

هاٽي هاٽي هيٺيءَ سان لئون ڍولڻ لايو ٿي،
پيچ پريت جو پايو ٿي، صبر آرام وڃايو ٿي.

عشق وارو ڪو جادو جوڙي، اٽڪل سان اٽڪايو ٿي.

دِلڙي ڪسي وڃي ويٺين وِساري، اهڙي ريت رنڍايو ٿي.

اکڙيون آهن منهنجون بکاريون، لِک ۾ پاڻ لِکايو ٿي.

ائين ”عثمان“ کي سهڻل سائين، سڪ ساهه سِڪايو ٿي.

ڪافي: 111

هٿين پيرين هَلي هَر ڪوئي، عاشق ڪَن بي پَر پرواز.

ڪعبو قلب ڪري دل پنهنجي، اَندر پَڙهن ٿا نينهن نِماز.

ظاهر زهد نہ ڪن ٿا ڪوئي، باطن ۾ ڪن بره بياض.

سينا سلڙي صاف ڪيائون، دردن ڏيئي دل ڪي گداز.

اُلي عشق جي نئي تہ اڏاريا، وَڃن وڃايون نينهن جا ناز.

بجليءَ وانگر وَڃن اهيئي، بحر برهہ ڪيا هن باز.

پين اوقات واهيري ويڙا، ديدان ٿيئڙن دور دراز.

نفيءَ منجهان اثبات ڪيائون، سوري سڪ جا سُرندا ساز.

اُهي ”عثمان“ انهن جون چاليون، ماري ڪئيڙا محو مجاز.

ڪافي: 112

هِڪ جيڏن ۾ آءُ هَسان، ڪُلف ڪَڙا پيچ قيدن ڪوٺي ڪوٺي.

ڪِين وڻن ڪَليجا وِه ٿي پانيان، چانور ڪائي آءُ ڪين چسان،
مٿي آ اباڻن جي اِها رڪي روٺي روٺي.

موڪل ڏي تہ مِلان ماڙيچن، ريگستانن ۾ آءُ رَسان،
چوٽا ڳنديا ها، جن منهنجي چوٺي چوٺي.

امير عمر چڏ ظلم زورائو، ڏٽونَدن پيهي آءُ پسان،
خوش ٿي ڪلان وجي اباڻن موٺي موٺي.

اها ”عثمان“ اَمان پڇائج، خان چڙهي ڪن ڪين ڪسان،
متان ڪا ٻجهي ها، خبر اها ڪوٺي ڪوٺي.

ڪافي: 113

هوش ٿيو حيران، شاهه حسن جڏهن حڪم هلايو.

درد لشڪر فوج فراقن، ساڻس سور سامان،
عشق عقل جو وهڻ وڃايو.

ڪولي نقاب، نوراني نشانبر، تجمل ڪري طولان،
هتان هلي جڏهن هت آيو.

ڇڏي اها لڪ لڪوٽي، نِڪري ٿيو نيشان،
رمز انهيءَ جو هُيڙس رايو.

سهڻي صورت يار سڄڻ جي، آهي ڏٺي ”عثمان“ ،
سر پيرن تي نرتئون نِوايو.

كافي: 114

هن ظالم اکڙين سان دلبر چو تو لتين.

جڏين نهارين، بيشڪ مارين، منتڙا مرڪڻ سان،
تنهنجا آهو نين اجهل، جهمڪا ڏئي تو جهتين.

حسن هزاري نين خماري، ڦرين فقيرن جان،
وڙهين واسينگن جان، وڪڙ وجهيون تو وتين.

چشمان چوري وڏوَ نهوڙي، دلبر ديدن سان،
جيئن باغن ۾ بلبل گهوران ڏيئي تو گهتين.

”عثمان“ اداسي ڪيوَ سناسي، سهٽا صحبت ڪاڻ،
تنهنجا ٻڙچيون آهن بان، نسنگ سيني ۾ ستين.

ڪافي: 115

هينئڙي ۾ ڏيان تو کي هنڌ،
تون دلبند، سهڻا منهنجي ساه کي سيبائين.

سجاتو اَٿم ساهه ۾، روح پنهنجي ۾ تنهنجو رند،
پري ناهي پنڌ، مِٺا مونکي منجهئي ٿو مائين.

نبيهه وارو نينهن جو، ٻول پرين کو ٻنڌ،
پکو آ پيوند، ڇوڙي مون کين ڇڏائين.

ذات مٿي اٿئي پنهنجي، چا کون کيو ٿي چند،
چند چپند، کهڙا کم ٿو کمائين.

آءُ پرين ”عثمان“ ڏي، سائين جو اٿي سوگند،
ويساهه وَند، يَلا پنهنجون پلايون پلائين.

ڪافي: 116

جيڪي ٻوليون عشق ٻڌايون، سي دين ڪفر ۾ ناهن آيون.

ابتڙ آهي عشق جي ٻولي، سمجهي سالڪ پريت پرولي،
اهـــــــــــي اعتبـــــــــــار ۾ آيـــــــــــون.

عشق جنهن تي ڪري امارو، اِسم جسم جو ڪري ٿو وِسارو،
ڏئـــــــــــي وجـــــــــــود وجـــــــــــايون.

عشق جي ساقي سرڪ ڏئي ٿو، اها "عثمان" جو پِڪ پئي ٿو،
وَجـــــــــــي ٿـــــــــــو ڪَنـــــــــــڌ ڪپـــــــــــايون.

ڪافي: 117

اڪيـــان تيــڏيان لـــٽ ڦـــر لائـــي وي، تـــرس نـــہ آوي، اڪيـــان تيــڏي.

فــوج حســـن دي ڏاڍي بـــاري، ڪســـت ڪنـــون جيـــون آون مهـــاري،
چــــــــــوڪي ســــــــــــخت چڙهـــــــــــائي وي.

ويڪـــڻ سـيتي مـــار گهتيـــوئي، بيــدل مجنـــون ڪيـــوين ڪتـــوئي،
ڪـــــــاوڙ ڪجهــــــــــ نـــــــــــ ســـــــــــٽائي وي.

تيـــر نيٽـــان دا ڏاڍا چلايئـــي، ســـيني ميـــڏي وچ ســـتڪايئي،
چشــــــــــم جــــــــــڏان تــــــــــو چــــــــــائي وي.

”عثمـان“ ڏي سهٽا آونـدائين، مـن ميـڏي ڪـون ٻهـون سـهاوندائين،
تِــــــــــــر ڪتــــــــــــوئي ڏائــــــــــــــــي وي.

سرائکي/ هندي/ ريختہ کلام

کافي: 1

باھ برھ دي پڑکي پڑکي، عشق لگا کوئي آتش جيھا.

عين سارا کن اھي اثباتي، ”لا“ دي نال لڑکي لڑکي.

غير خيال کنون چُٹ پيوسي، صاف ٿيا سي سڑکي سڑکي.

سِر ميڏي تي آ کر ھُݨ، کوپ کلالي کڑکي کڑکي.

عشق آويڑا ھئي ”عثمان“، مين سر آيا چڑھکي چڑھکي.

كافي: 2

بي پرواها كيسي چلدائين چال،
گھونگٽ گھنڊ بنا كر آئين، كر كي تال پخال.

ڪڏان گداگر تي گذريندئين، ڪڏان ميڙيندئين مال،
ڪڏان وت انگ پيوت رميندائين، ڪڏان وت لعلون لعل.

ناز مجھئون چا برقعه پاتئه، كھڙا پيڙءِ خيال،
آدم صورت بيک بنايئي، لڳڙءِ برهه بحال.

خواهش اپڻي آڻ كراهڻ، نينهن لايئي مئن نال،
زوري نال زوراور كيتئي، حرفي حال في الحال.

آوين "عثمان" ڏي سهڻل سائين، مهر پئي مُڙپال،
هوين كول هميشه ميڏي، جانب تون گڏ جال.

ڪافي: 3

پهلــون مــار غوطـا گمراهــي دا، پڇــي شــملا چـا ٻــڌ شــاهي دا.

قطــره قلــزم نــال رلائــين، تــي درياهــ پڇــي مــوج هلائــين،
هســـتي چـــوڙ تـــ حاصـــل ٿيـــوين، اهـــو عـــين الاهـــي دا.

آنهـن وِچون جڏهن نانهن ٿيـوين، ڦـر نانهن وچون ول آنهـن ٿيـوين،
رنـگ چـوڙڪي رنگـانهن ٿيـوين، اِهـو نـاهين رنـگ خـدائي دا.

نـوش نشـا ڪـر مئـي مخمـوري، دسـتئون هـادي دي هـي دسـتوري،
پـــريم پيـــالا پـــي ڪـــر جيـــوين، گهتڪـــا صـــاف صـــراحي دا.

آپ وچــون "عثمــان" نـــ آٽـــين، "لا" دي معنـــيٰ "لا" ڪــر ڄــاٽين،
موتواقبلـــل انـــت موتـــوا مـــاٽين، ســـرور قـــول گـــواهي دا.

كافي: 4

آدم صورت بيک بنايسُ، ويکڑ لئي ديدار،
ول چل کر کي آيا ميڈا يار.

الانسان سري وَ اناسرهُ، کيتوئي قول قرار،
وَنحن اقرب نيڑي وسدا، عاشقان دا اعتبار.

کُن فيکون وچون کُل جوڑيئي، سارا سپ سنسار،
گونا گون ٿيا گُل پيدا، هر جاءِ حُسن هزار.

رانجهن نام سڈاکي، چوڑيئي تخت هزار،
جهنگ سيال دا پچدا آيون، چاتئي برهه دا بار.

نال ”عثمان“ دي کر تون ايوين، جيوين نال ”عطار“،
مرد جيوين منصور چڑهايوئي، سوليءَ تي سَردار.

ڪافي: 5

آپ هويا هي ارباب، چاڪر چاڪ سڏيندا.

تخت هزار ڇوڙ ڪي آيا، عشق دي ڪيتي يار،
لڳڙس نينهن نواب، ڳلي ڳلي ڪڙ ڳاندا.

بسمي روپ رماڪي آيا، ويکڻ لئي ديدار،
جوڙيس رنگ رباب، بينسر بين وڄيندا.

ڪٿان ملان قاضي بن ڪي، ڪٿان اناالحق هي آپ،
برهه پڙهايس باب، سولي سر چڙهيندا.

آيا هي ”عثمان“ اتانهين، ڍوندڻ ڪنهن طرف ڪيڏانهين،
هِردي وچ حجاب، ڪيهي ڪاڻ ڪريندا.

کافي: 6

آک سٽا مير پانڌڙيا، جي تئن خبران آندڙيان،
سي سپ سانون ٻول سٽاوين، هڻ مئن نون هيکاندڙيان.

درد هميش تئن دلبر دا، وره کنون نہ واندڙيان،
سو ئي سجڻ سانون آڻ مِلائو، محبت جنهان لئہ ماندڙيان.

جتّان تہ مئڏا دلبر وسدا، آپ اوڏانهين جاندڙيان،
جدا نہ جالڻ ٿيوي اساڏا، غم هميشہ کاندڙيان.

خوني نين مئڏي دلبر دي، نينهن نِسنگ وچ لاندڙيان،
ويکڻ سيتي مار ستيوني، ول نہ پچون تي ويندڙيان.

دل ”عثمان“ دي دست کيتوني، بانديان دي مئن باندڙيان،
راتيان ڏينهن ڳالهيان اهينديان، ساھ مئڏي کون سهيندڙيان.

كافي: 7

او جادوگر رمز رلايا، برهين بات بتايا هي.

سپ صورت وچ سير كريندا، ايهو اهيندا رايا هي.

سيني اندر صاحب وسدا، كهڙي پول پلايا هي.

ونحن اقرب نيڙي وسدا، فرق نكو فرمايا هي.

هوكي برهمن بيک مثاكي، كن وچ كندل پايا هي.

روپ سناس اداس بيراڳي، انگ پيوت رمايا هي.

”عثمان“ سهڻي كون مئن صحي سجاتا، هادي وچن سڻايا هي.

شاهي اپڻي چوڙ كراهڻ، رانجهي چاک سَڏايا هي.

ڪافي: 8

پياري وه ڪيسي چلدئين چال.

گهونگٿ گهنڊ بنا ڪر آيا، گَرڪي تال پخال.

آپڻي خواهش آڻ ڪراهڻ، نينهن لاتئي مَئن نال.

زوري يار زوراور ڪيتي، حريفي حال في الحال.

ڪڏان گداگر ٿي گذارينديئن، ڪڏان ميڙين مال.

ڪڏان ته انگ پيوت رمايئي، ڪڏان ته لعلون لال.

هووين ڪول هميشه ميڏي، گڏجي مئن نال جال.

ناز منجهون چا برقعا پاتئي، ڪهڙا پيڙئي خيال.

”عثمان“ ڏي تون سهڻا سائين، مهر ڪرين مڙيال.

كافي: 9

جانب جادو كر ڳيا مئن نون، كڙو جواب نہ ڏيندا هي،
كڙو جواب نہ ڏيندا هي، هي ول ول ٻره ٻڇيندا هي.

عشق ڍولڻ دا آتش بازي، ڦوك آڙاهہ ٻليندا هي.

ظالم عشق زوراور ڏاڍا، كپ كباب كريندا هي.

عشق دا هي امداد اهوئي، ڏيب ڏكاندا ڏيندا هي.

آءُ ”عثمان“ ڏهن نون سهڻا، سارا حال سڻيندا هي.

ڪافي: 10

حسن صورت دا بن آيا، وه ڪيسا ڀُل ڀُلايا وي.

اربع عناصر جوڙ بنايس، ول چل ڪر ڪي آپ ڇپايس،
اولي دي وچ گهر ڪي آيس، عشق دا مطلب پايا وي.

حسن صورت دا بيک بنايس، دام دوئي آهت درسن پايس،
آپي آپڻا ساهه سڪايس، رب ارني فرمايا وي.

وحدت ڪثرت دي وچ جوئي، آدم بن ڪر آيا اوئي،
سمجهي اهين ڪون سالڪ ڪوئي، جنهن جنهن آپ جلايا وي.

عشق الله دا ” عثمان“ سجايا، ٻيا سپ ڪوڙا پنڌ اجايا،
جنهن سر آيا اس ني پايا، گم ٿي آپ گنوايا وي.

کافي: 11

قلندر نور جلال الله، مست وار قلندر،
قلندر صوفي عين صفا، سردار قلندر.

يَر يَر ڏيندا هي جام، بي شمار قلندر.
قلندر آپ خزاني کا، شاهوکار قلندر.

بزن بزن کر چڙهيا، ترت تيار قلندر.
قلندر کٽ سر منکر کا، ڌو پار قلندر.

فقر هي فقيران دا، سپہ سالار قلندر.
جنهن دي سکڙي سچي، تنهن دا يار قلندر.

”عثمان“ هي مرَوندي، نگهدار قلندر،
”عثمان“ هي مسکين، تون آذار قلندر.

ڪافي: 12

دلبر اسان ڏُون ديدان لايان، تن من اندر تار لڳي.

ڏپنهن نين ڏيون ڏکالي، سيف ايراني کري هٿ خالي،
وڙهڻ کنون نت ولن نہ خالي، ويسلڙي ويسار لڳي.

جانب ميري ڪول جو آندا، نينان تير تفنگ چلاندا،
مشتاقان نون مار جاوندا، جان جگر ڏو پار لڳي.

نين نرالي چلدي چالي، مزگان مارن بڙڇي ڀالي،
ڄاڻن اهي ڄاڻڻ والي، اکيان وچ اسرار لڳي.

اها ”عثمان“ مشکل ياري، بره ٻچيندا ڏاڍا ڀاري،
ڪڏکي مائي تير تاري، ياد کران يڪ بار لڳي.

ڪافي: 13

ڏاڍا عشق اويڙا هي، هوش عقل دي جاءِ نہ ڪائي.

نال ملامت چائي وتي، سِر جهڳڙا جهيڙا هي،
سهسين عاشق قتل ڪريندا، ڪپ تڪ ٻيرا هي.

او تہ اوڏانهين گهن ڪي ويندا، جتان وطن وهيرا هي،
پل وچ عشق اڏاندا، جنهن دا اتي يار آڪيرا هي.

شرم حيا اتان چوڙ ڪي ويندا، جتان پاندا ڦيرا هي،
علم عقل اُتان ڪٿ نہ سگهدي، جنهن دا تاب تڪيرا هي.

”عثمان“ سهٺي تون سِر گهول گهتان، جنهن دا بره پليرا هي،
دم اسان ڪنون دور نهين، جنهن دل وچ ديرا هي.

ڪافي: 14

ڏاڍا لِڪَ ڪيتئي ليئي پاوڻ دا، ڪيها غرض پيئي اِتي آوڻ دا.

ڪُن فيڪون ايوين فرمائي، عرش زمين سڀ جوڙ بنائي،
هر جا اپڻا حڪم هلائي، بره نه ٿيئي جڏهن چاوڻ دا.

حضرت آدم دا باپ نه مائي، بيبي حوا ڪهه ڪيڏون آئي،
وچ بهشتان تون ڪيون لوڙائي، عذر ڪيتئي داڻي ڪاوڻ دا.

شاهه منصور ڪون سولي چڙهائي، شمس الحق دي کلڙي ڪلائي،
ذڪريا سر ڪرت وهائي، سرمد سيس ڪٽاوڻ دا.

اهي ”عثمان“ سُهڻي ديان چاليان، وفي انفسڪم ڳجهيان ڳالهيان،
ونحن اقرب وچ وِصالان، الانسان الاوڻ دا.

کافي: 15

ڏکان دي کيتي مئن لائي ياري،
جوش اهين وچ جندڑي سڙ ڳئي ساري،
ڏاڍي نال مئڏا زور چلي نا زاري.

جنهن دلبر دي کيتي وتان مستاني،
تي گينوار قران در در ديواني،
مان نظر آوي سو دلبر دل دا جاني،
جنهن سهڻي دي مئڏي دل کون هي درکاري.

ڏاڍي نال پل کي نينهڙا مئن جو لايا،
سر مئڏي تي سنيان بار بره دا آيا،
بسمل سيتي أهين کون جهولڙي پايا،
لڳ ڳئي هي مينون پرت پياري دي پياري.

صبر قرار بهڻ سانون مول نہ آوي،
ظالم عشق تئڏا خون جگر دا کاوي،
گهڙي گهڙي مار ستي گهڙي گهڙي جيواوي،
رمز تکيرڙي سانون لڳ ڳئي هي لاچاري.

اهو ”عثمان“ حسن سهڻي دا مئن ڏٺا،
کيون کر چوڙان اهين کون بهون لڳڙا مٺا،
ڏونهين جهان دلبر باجهون کيتم ڦٺا،
ظاهر باطن هي ساري سرداري.

كافي: 16

ڈاڈِي چشــمان دي چــوت چلايئــي يــار، لُــٹ ويـنـدئين رمــزان لائــي.

نينـــان دا تيـــر تفنـــگ چـــلا، گھتيئـــي راه مســـافر مـــار،
تئـين نــون تــرس نــہ آنــدا كــائي، لــٹ وينـدئين رمــزان لائــي.

نـــين ڈولـــڑ تيـــڈي زابـــر ظـــالم، چڑھـــدي شـــوق شـــكار،
ســانون لــڑدي كــرن لڑائــي، لُــٹ وينــدئين رَمــزان لائــي.

ســـيني انـــدر ســـيف نينـــان دي، تيـــغ تكـــي تلـــوار،
ســانون بِرھــہ والــي پڑكــائي، لُــٹ وينــدئين رَمــزان لائــي.

اســـان كـَــن آيـــا ھـــي، ”عثمـــان“ ســـھٹل كـــر ســـينگار،
ڈاڈِي فــوج حســن دي چڑھــائي، لُــٹ وينــدئين رمــزان لائــي.

ڪافي: 17

ڍولڻ آسين کهڙي وار، دلبر آسين کهڙي وار،
سڪدي ميڏي عمر ڳئي هي، درسن دي ديدار.

ڏردي مردي، مئن عرض نہ کردي، سخت تيڏي سَرڪار.

زندگاني ساري ميڏي، ڏينهن لنگهڻ لاچار.

ورد وظائف تيڏيان ڳالهيان، دم نهين ويسار.

آوين ”عثمان“ ڏهين تون سهڻا، مئن صدق ٽيوان سو وار.

ڪافي: 18

زبردستي ڪَر سهڻل دل، لُٽ لي جاندا.

قهري ڪجل پاءِ ڪر هُڻ، آ ڪي اُمالڪ اڙاندا.
جوان جنگ آور سخت سپاهي، نين بلاشڪ لڙاندا.

باشي باز وانگر بواليان، ماريءِ وانگر مريندا،
چا چنبا وچ چاندا، دلڙي طعامان ڪاچ ڪريندا.

فوج حسن سِر چڙها ڪر، هڻ پاٽي وانگر پويندا،
ابرو سيف سقيلي شمشير، مزگان تير مريندا.

ڪول ”عثمان“ دي آڪر، هڻ پيارل جهاتي پويندا،
دست ڪٽاري خوني خنجر، ڪهڻ ڪيتي مئنون مريندا.

ڪافي: 19

سائُون لڳ ڳئي بي اختياري، سيني وچ نہ سمائي هي،
يار ڏاڍي عشق آتش لائِي هي.

عشق اَويڙا ٻهڻ نہ ڏيندا، ٿي گداگر گشت ڪريندا،
ڳلي ڳلي چا گهمائِي هي.

عشق جو آندا مئن سِر چائِي، شرم حيا پهلي سَٽ وڃائي،
چُم ملامت چائِي هي.

هُل هلان ڪر عشق جو آيا، محبت ڏاڍا مچ مچايا،
ٿا ٿا ناچ نچائِي هي.

عشق دي آتش اها ”عثمانا“، لنگهہ ويندي هي لامڪانا،
عرش ڪنون چا آئِي هي.

ڪافي: 20

عشــــق اولانيــــا سِـــــر تـــــي چـــاتم، مهڻـــــان مـــــاهي يــــار دا.

ويسـان نـہ رهسـان، جهـوڪ رانجهـن دي، پنـڌ پچـان تـنهن پـار دا.

بــــره ڏولـــــڙ دي جــــوڳي بڻايــــا، چوڙيــــا تخـــت هـــــزار دا.

رات انــــڌيري هـــــي انتظــــاري، توڪــــل ترهــــا تــــار دا.

هـــي ســـر صـــدقي يـــار ســـجن تـــون، چـــڏيا ســـير سنســـار دا.

چـــم "عثمـــان" چـــا ڪنيـــون ســـي، لـــوڪ ملامـــت بـــار دا.

ڪافي: 21

عشق اويڙي دا راھہ، مئن سو ڄاتا نهين.

عشق آيا ڪر ڇپ ڇپاتي، اندر ٻاهر ظاهر ذاتي،
هيا سو شنهشاھہ، مئن سڃاتا نهين.

عشق نهين ڪا ڇٽنگ چواتي، ٺڙڪي ڦڙڪي ساري ڇاتي،
عشق آتش والا آڙاھہ، سو سماتا نهين.

نفي جڏاهان نيست ڪريندا، عشق تڏاهين اثبات ٿيندا،
وحدت ڪا درياھہ، اَنت پاتا نهين.

عشق ”عثمان“ نون نيندا اتاهين، جاءِ دوئي دي نان جٿاهين،
هستي ڏيندا ڊاھہ، غير اُتان نهين.

کافي: 22

کجليان اکيان قتل کريندیان، پا کجل دي ڏار،
نيڻين جادو لايا يار.

اکيان دي تابش کوئي نہ جهليندا، جوئي منهن پوندا سوئي مرويندا،
کُهندا بِن هتيار، پا کجل دي ڏار.

سُهڻل يار ديان سهڻيان اکيان، واه کاريگر مُنهن وچ رکيان،
دل لئي ديدار، نيڻين جادو لايا يار.

سر "عثمان" دي آيا أناکي ، آوڻ سيتي اکيان اڙاکي،
ابرو کيف قهار، نيڻين جادو لايا يار.

ڪافي: 23

ڪَر ڪا مهر نظر دي، دَر دي گولي تئڏڙي هوسان.

هَس ڪس نيتئي دلڙي ميڏي، جاني ڪيئي جوانمردي.

راتيان ڏينهان هي عبادت آلا، دم نهين ڪو وسردي.

سجدا ڪيتم پاڻ جهندل ڪون، پيئي سڌ خبر دي.

”شاه نصير“ منگي ”عثمان“ ميان، ساعت نہ ميڏي سردي.[1]

[1]. هي ڪافي مشڪوڪ آهي. ”شاه نصير“ جي پائنجي ٿي. عثمان فقير 1860ع ۾ رحلت ڪئي. ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ نصير عثمان فقير جي جدائي کان متاثر ٿي هيءَ ڪافي لکي هجي. (والله اعلم)

ڪافي: 24

ڪيتا سانون عشق امالڪ زور، ننگ ننگا وت ٽڳي سڀ توڙ.

عشــق ڏتــي ســانون ڪــا ڏيڪــالي، باھــ برھــ دي يــر برھــ ٻــالي،
ڪيـــــــــــــــــتس ورھـــــــــــــــــ وڪـــــــــــــــــــوڙ.

عشـــق نـــي آيـــا اڳـــڻ ميـــري، هـــوش ڳيـــا حـــج پهلـــي پيـــري،
شـــــــــــرم حيـــــــــــاء ســـــــــــيپ چـــــــــــوڙ.

ســـر ”عثمـــان“ دي ايـــوين آڪـــي، دل انـــدر ديـــرا پـــاڪي،
ٻيتـــــــــــا خيمـــــــــــا ڪـــــــــــــوڙ.

ڪافي: 25

ڪيوين ڇوڙان مرشد تينون، تجهہ بن نهين ڪا ٻي ڳلي.

نينان نينن نال اڙيان، سِر عشاقان دي جو لڙيان،
لونءِ اندر جان ۾، لڳ ڳئي تڪي ڪا ويلي.

حسن تيرا نور هي، هادي آپ حضور هي،
ڏوجها ڪوئي نهين، جس طور جلايا تجلي.

حسن تيرا ڪاء ڳيا، اپڻا مطلب جو پاء ڳيا،
هستي هُئڻ سڀ ميرا، جوشان دي وچ ڳيا جَلي.

”عثمان“ عشق دي ذات ڪا، صحي ڪرين صفات ڪا،
روشن ٿيا مئنون تڏان، جڏان رمز مرشد دي رَلي.

ڪافي: 26

جـــڏان گـــم ٿيـــوين وچ ذات، تـــڏان صـــفات ســـجاڻين.

پهلـــو مـــوج مجـــازي والـــي، پچـــي حـــال حقيقـــي حـــالي،
ٿئـــي آپ وچئـــون اثبـــات، ٻئـــي ڪـــنهن طـــرف نـــہ تـــاڻين.

ذاتـــي دي وچ ٿيـــوين ذاتـــي، فڪـــر فنـــا دي لا الا دي ڪـــاتي،
هـــووين هميشـــہ حيـــات، ٻيـــا ڪجهـــہ غيـــر نـــہ مـــاڻين.

وحـدت دا ڪُـن ڪارونيـار، جـنهن دا پـار نـہ ڪـوئي اور واري،
دن نهـــــين جِـــــت رات، نــــا وت پنـــــد پُجـــــاڻين.

واديءِ وحـــدت وچ اڙ جـــاوين، قطـــره قلـــزم نـــال رلاويـــن،
فـــــرق ڳيـــــا فرقـــــات، رهيـــــا پـــــاڻي دي وچ پـــــاڻين.

اهـــي ”عثمـــان“ نفـــي ڪَـــر نـــالا، ظـــاهر بـــاطن حـــق تعـــاليٰ،
بـــــات لســـــاني لات وچـــــون، اپڻـــــا آپ نـــــہ آڻـــــين.

ڪافي: 27

گفتار تيڏي شيرين، مِٺي شڪر ڪنون جو لڳدي،
مرڪڻ ٻهون مِٺا هي، جو خريد ساري جڳدي.

صورت ڪون سهي ڪٺوسي، سجدا تڏهن ڏٺوسي،
آسان ٻنڪي آئيون ڪَر ،ٿاهه هي جو ٺڳدي.

عجب حسن هي تيرا، موهه ڳيا مَن ميرا،
لڳي پرت مون پيارا، آهي ازل ڪنون جو اڳدي.

حسن تيرا هي لاثاني، تيري نور ڪي پيشاني،
اِها دِيد ويڪاوين جاني، هستي پڳي سا پڳدي.

گهونگهٽ نقاب کولو، هس هسڪي ٻول ٻولو،
مَن تون سدا سدائي، هي "عثمان" سوال سڳدي.

ڪافي: 28

گم خدا وچ هويا هون مئن، آپ الايا مئن وو مئن.

هستي مئن هون، مستي مئن هون، سچ ويران دي وستي مئن هون،
ظاهر بت پرستي مئن هون، مئن رنگ لايا مئن وو مئن.

ذات ٻہ مئن هون، صفات ٻہ مئن هون، وحدت ۾ ڪثرت ٻہ مئن هون،
مئن نفي اثبات ٻہ مئن هون، اهو کيل کلايا مئن وو مئن.

قلزم مئن ڪلان ٻہ مئن هون، آدم تي ”عثمان“ ٻہ مئن هون،
مئن زمين آسمان ٻہ مئن هون، مئن سمايا مئن وو مئن.

ڪافي: 29

ڳوڙهي نيڻين والا دل لي ڳيا، ڳوڙهي اکڙيا اڙاڪي.

بي نياز ڪَر ڪي پيا، حسن تيري پڪڙ ليا،
تاب سين بي تاب ڪيا، توبهه توبهه پڙهاڪي.

حال دل دا آگاهي، ڪنهن نون ترس ناهي،
ڪوئي تينون مولي آهي، مفت مئن نون ديدان اڙاڪي.

جاني جلوه ڪر ڪي آندا، چشمي والي چوٽ چليندا،
مشتاقان نون مار ماريندا، فوجان حُسن چڙهاڪي.

عشق هي ”عثمان“ جنهيندا، بي بيان تصوير کهيندا،
شوخ بي پرواهه رهيندا، جادو جڙت جڙاڪي.

ڪافي: 30

ڪاء ڳيا غم يارو، ڪاء ڳيا غم ،
دلربا دل ميري ڪاء ڳيا غم.

آوين ڍولڻ آوين آوين، مرنديان ڍولڻ نين مِلاوين،
نه ته ڏينديان دلربا دم.

هڪا هي تيڏي سهڻل ياري، ٻي سڀ مئڪون عشق وساري،
هستي جلدي ٻلدي ٿي ڳئي يسم.

آکي ”عثمان“ ميڏي آزي، رانجهن ٿيوي مئن تي راضي،
تيڏي صورت ڪيتا مجنون صنم.

ڪافي: 31

لائـــي هـــي لالـــي، ڳــوڙهي رنــگ والـــي، تـــون ســـجن ڪيســـي.

بيرنـــــگ دي وچ رنــــگ بنـــايئي، چلـــدئين چـــال نرالـــــي.

حســـــن تيـــــري حيـــــران ڪيتـــــا، لٽـــــڪ تيـــــر لابـــــالي.

لالـــي لبـــان تـــي ســـرخي بنـــائي، ڏار ڪجـــل نينـــان ڪـــالي.

ســـــر ”عثمـــــان“ دي آيـــــوَ اٽـــــاڪي، پيـــــڙ بـــــره والـــــي.

كافي: 32

لُت كي دلبر يار، تمهي كيسا چلا جاتا.

جلوا كركي آيا جاني، سرخي سر سينگار،
كسي لعلي لبان لاتا.

نرگس نين اكين گل لالے، وچ كجل دي ذار،
مشتاقان نون كيون مراتا.

درد هيشے تو دلبر كا، برهے كيتا بيمار،
سجن ميري پاس كب آتا.

اهي ”عثمان“ سهٹي ديان چاليان، آهن لك هزار،
بيرنگي كيسا رنگ بناتا.

كافي : 33

مئن مروينديان يار منگيديان، نينان دي ماري وي كٿاري.

فوج حس دي نين سپاهي، ملڪ دليان دا مرينديان،

زخم نينان دا ڪڏان نهين ڇٽدا، لکين سوين دارون ڪرينديان.

اهي ”عثمان“ اکيان سهٽي ديان، ظالم ظلم ڪرينديان.

ڪافي: 34

موهه لِيا ڪَرڪي ڊوهه لِيا، اهين سانوري من موهه ليا.

مٺي گفتار سهڻي يار سجن دي، صحبت هميشه ميري من ڪي،
ڪر ڪي گويا گڏ روهه ليا.

برهه بچايئي ڏاڍڙا باري، بيوس ٿئيان بي اختياري،
دين ڪفر ڪس ڪوهه ليا.

رمزان روبروءِ رلاڪي، چشمان والي چوث چلاڪي،
ڪر ڪي يسم پابوهه ليا.

عشق اول ڪنون اها ”عثمانا“، ڪُن فيڪون ٿيا غيب لسانا،
عاشقان ڪيها ڏوهه ليا.

ڪافي: 35

نشا پيتم نينهن نــواب ڪـنون، جند چٽ پئي ڏوهہ ثواب ڪنون.

ايريــا مهتــاب ســو رات ڳئــي، اهــا جيــڏي ڪيــڏي پريــات ٿئــي،
وجـي ذاتـي والـي ذات رَهـي، تـي جـاڳ بيـداري دي خـواب ڪنـون.

ڪارونيار اهين دي ڪل نہ هوئي، جڏڻ سوجهي ڪيتيسي سهي،
تڏان وحدت دي وچ ڳيوسي وهي، تي ڳيا قلزم هڪ حجاب ڪنون.

جڏان ظلمات والي ڪَل ڪيتيسي، تڏان جوت جيوڻ والي جيتيسي،
سُـرڪي بيخـود والـي پيتيسـي، تـي حيـات حيـاتي دي آب ڪنـون.

”عثمــان“ اِتــان ماريــا غوطــا، خــوف و رجــا دا پــن ڪــي بوتــا،
ملـڪ اهـين وچ وجـي پهتـا، بـچ پيـا سـي سـوال جـواب ڪنـون.

كافي: 36

ويندائين رمزان لائي يار، چشمان دي چوٽ چلائي.

سيني اندر سيف نينان دي، تيغ تکي تلوار.

نين ڊولڻ دي تفنگ چلاون، مارڻ لئي هوشيار.

نين ڊولڻ دي زابر زبري، چڙهدي شوق شڪار.

”عثمان“ اسان ڪنون آيا، ساجن ڪر سينگار.

ڪافي: 37

نهين چلدئين ڪائي تدبير، برهه جڏان ٻهه حڪم هلايا.

عشق اچانڪ جنهن سر آيا، قتل ڪريندا گهت تڪبير.

مصلحت ڪنهن دي نهين منيندا، آپي شاهه وزير.

عشق جڏان آڻ ماريا نعرا، چوڙ ڳئي سي ڪوڙ نظير.

”عثمان“ آکي پير مغان دي، هوسان دامن گير.

ڪافي: 38

هُڻ ڪيون اسان ڪنون يار، ڏور ٻهيندائين چوڙڪي،
هڪدم نہ ٿي دلبر ڏار، رتيان دليان وچوڙڪي.

ٿي گداگر گشت ڪَريسان، بر بحر بيبان،
تيڏيان جايان لک هزار، وَس ڪريسان ووڙڪي.

شرم سَتر سڀ وڃايا، برهہ ڪيتا بدنام،
جڏان عشق ڪيتا نروار، ٻئي ٿڳي سڀ ٿوڙڪي.

تيڏي ڪيتي يار پيارا، ڍونڍيم شهر بازار،
جيوين گهمندا ڦيريدارم لَڄ حيا سڀ ٻوڙڪي.

فاذڪروني اذ ڪرڪم، آيت هي ”عثمان“،
اسانون البت هي اعتبار، آپ لهسن ووڙڪي.

ڪافي: 39

يار بنا نہ غم خواري هي، داروں درد بيماري دا.

ڪاهل ڪيتا تئڏي نزاڪت، ڪا نہ رهي هي مئن وچ طاقت،
برهہ بچيوئي ايڏي آفت، ماريا حسن هزاري دا.

هوش منجهون بيهوش جو ٿيا، دلڙي لٽائي بي دل ٿيا،
پُڪي تُساڏي هُڻ جو پيا، بار چاوڻ بيڪاري دا.

عشق تساڏي آتش لائي، باهہ برهہ دي پڙڪي آئي،
نينان مئڏي ننڊ ڦٽائي، ڏينهن لنگهڻ لاچاري دا.

آهي ”عثمان“ سوالي سهڻا، مئن ڪن آوين مئڏا مُهڻا،
ڪول نِقاب تون مئڏا سهڻا، دوست دي ديداري دا.

كافي: 40

يــار ڈول جــڈان ٿيــا اظهــار، تــاب حســن دا مــئن جَهــل نهــين ســگهدي.

کيــوين کــران مــين وَس نهــين چَلــدا، ســاهه پليــا پــل نهــين پَلــدا،
اج نــہ کَلهــہ دا، حــيلا کرينــدي هــزار، يــار ڈولــڻ نــال رَل نهــين ســگهدي.

نـــال مئـــڈي جـــڈان نينهـــڙا لايـــس، اٿـــڻ ٻهـــڻ آرام وڃـــايس،
پـــيچ پريـــت دا پـــايس، دلـــڙي ٿـــي لاچـــار، دل لٿـــي مئـــڈي ول نهـــين ســـگهدي.

بـــي پرواهيـــان يـــار کرينـــدي، مشـــتاقان نـــون مـــار مرينـــدي،
نـال ڈمـر ڈور ڈرينـدي، صـورت دا سـردار، بـات اٿـان مئـڈي چَـل نهـين سـگهدي.

جَـڈان جلـوه کَرکـي آيـا جـاني، اِهـا "عثمـان" اهنـدي صـورت لاثـاني،
سير وچ سارا سلطاني،نور ٿيا نروار،ويک انهين کون مئن ٻول نهين سگهدي.

ڪافي: 41
(هندي سرائڪي ڳاڙر)

سَجن ڪر سينگار، سهڻا گهر آيا ري،
جنهن ڀي ڪر حڪم هلايا ري.

ڇوڙڪي آيا تخت هزارا، ماهي جهنگ پڄايا ري،
هر صورت وچ سير ڪريندا، اهو اُسي ڪا رايا ري.

هو برهمڻ بن ڪي، ڪن وچ ڪندل پايا ري،
مُک وچ مُرلي، ڳل وچ جڙيا، ڳلي ڳلي ڪڙ ڳايا ري.

جوڳي جادوگر منڊ چلاڪي، برهين بات بتايا ري،
شاهي آپڻي ڇوڙ ڪَر هُڻ، رانجهن چاڪ سڏايا ري.

”عثمان“ سهڻي ڪون صحيح سڃايا، هادي سُخن بتايا ري،
روپ ڪَر شناس اداس ويراڳي، رنگ پيوت رمايا ري.

ھندي ڪلام

شبد: 1

سُرت سڌارو ساڌو سمرو، رام ڀڄن ڪھ ڪرنا ري،
شبد ڪھو گُر پوري ڪا، چت ڌيان اھو نت ڌرنا ري.

جاڳ سھاڳ ليو سُندر ڪا، جَپ ڪر صاحب جينا ري،
سپنا ھي سنسار سپوئي، دک سُک دن گجرنا ري.

ڀڳت ڪھو ڀڳوان پڇانو، آپ ۾ ڊونڊيو پانا ري،
ديھي ديک نہ ڀولو ڀيا، آپ وسارو وسرنا ري.

جس ھوني ۾ ھونا ناھين، سو ھونا نا ھونا ري،
مرني سي آگي مريي، ڦر مرنا نہ مرنا ري.

جب مھراج پڇانا مئن نون، گيان گرو "عثمانا" ري،
ٻوڌ پڙي پرميشر ديکھا، سيس لڳا ڪي چرنا ري.

شبد: 2

کهنا راما، هر مين هي هرناما،
رام بن کوئي نہ هونا، کهنا راما رما.

ايکائي ۾ ايکو پائي، چوراسي جون سمائي،
کفر نکو اسلاما، کهنا راما راما.

پنج تت کا پنڊ بنايا، اُس مين اوئي ثاکر آيا،
هري کرشن هر شامان، کهنا راما راما.

چولي اندر جوئي ٻولي، تنهن دي هردي اندر کولي،
ديهي نہ جوتا جامان، کهنا راما راما.

”عثمان“ گرو کي سنگ لڳي، پول کي سڀ پول پڳي،
آپ هويا اُتاما، کهنا راما راما.

هوري: 1

مئن کيون نہ کھونگي هوري هوري،
دلڙي دلڙي عشق ٿکوري.

جس دل محبت دا جام پيتا، پرکي پريم کٿوري.

ٿا ٿا عشق نچيندا جِس نُون، تنهين نون لڳڙي هي لوري.

عشق ديان ڳالهيان اهي ”عثمانا“، جهور جهوراٽا جهوري.

هوري: 2

هوري دل لڳانا، لڳي دل ڪيي نا ڇٽي نا ٽٽي،
دم دم وره وسانا، هوري دل لڳانا.

ذاتي ٿيوين ذات اِنهين وچ، صورت وچ سمانا.

مشڪل بازي هي صنم ڪي، اپنا هوش گنوانا.

بات برهه دي سمجهڻ مشڪل، اُلٽ بازي ”عثمانا“.

ریختہ: 1

تیرے دو نیناں کے مارے، مستا ن ہو رہیا،
مستان ہو رہیا، میں دیوان ہو رہیا ۔

آیوں جلوہ کر کے جانی، میں تہ ہو رہی دیوانی،
توں تہ ہوں لامکانی، پچھے انسان ہو رہیا ۔

آیوں میرے کول پیارا، لگا برہ بار بارا،
سر گھول ہے ہمارا، میں قربان ہو رہیا ۔

تیڈا ناز ہے لااُبالی، نیناں کی چال چالی،
آیوں لگا کے لالی، میں مستان ہو رہیا ۔

تیرے نور کا نظارا، میں دیکھا دیدار سارا،
صدقے سجن سو وارا، "عثمان" ہو رہیا ۔

ریختہ: 2

ہم ہوں کافر عشق کا، مسلمان سے میرا کیا ہوا،
دین میرا ساجن ہوا، ایمان سے میرا کیا ہوا۔

سجن کا دیکھا نظارا، اونچا نیچا آپ ہے سارا،
لامکان، مکان تھیا، مکان سے میرا کیا ہوا۔

ماسوا اللہ نا کوئی، فانما تولو ہوئے،
ویساہ وجہ اللہ تھیا، شیطان سے میرا کیا ہوا۔

حُسن سجن کا نور ہے، ہادی آپ حضور ہے،
ذات اوہی ذات ہے، اِنسان سے میرا کیا ہوا۔

ہادی کی صورت حیاتی، میں اُس وچ جھاتی پاتی،
ای رہیا نہ او رہا، "عثمان" سے میرا کیا ہوا۔

ریختہ: 3

ہم غلام ہوں تیرے سینگار کا، ڈھولن جلویدار کا۔

گھونگٹ نقاب کھولو، ہس ہس کی یار بولو،
لالی والا لب چولو، گویا گفتیدار کا۔

درسن دکھاؤ میرا جانی، تیری دیکھوں نور پیشانی،
جند جان کروں قربانی، زلف وار وار کا۔

پیارا پاویں پھیرا، یہ "عثمان" ہے تیرا،
توں ہادی ہوویں میرا، میں نوبہار کا۔

ریختہ: 4

مرتے ہوں تیرے ہجر میں، لاشک ہے لاچاری تیری،
تجویز ملنے کی کرو، دل کو دلداری تیری۔

نقش تیرے حسن کا تصویر بن گئی،
سنگدل رات دن مجھ کو، وظیفہ یاد ہے یاری تیری۔

نور پیشانی تیری، درسن دکھاؤ سرو قد،
رخ تیرا چمن ہویا وہ بدن گلزاری تیری۔

وصل تیرے کی صنم کس طرح میں روبرو،
آنکھوں سے وہ دیکھوں سرداری تیری۔

"عثمان" تیرے عشق میں، شب روز ہے افسوس میں،
فاذکرونی اذکرکم، یہ ہے اعتباری تیری۔

عثمان فقير جي ڪلام ۾ هنديءَ جي ٻن صنفن تي شاعري نظر ايندي ، اهي آهن شبد ۽ هوري. هيٺ ٻنهي صنفن جي مختصر ڄاڻ ڏجي ٿي.

شبد:

هن کي سبد بہ چيو ويندو آهي، هن جي لغوي معنيٰ آهي ”لفظ“. هيءُ هڪ قسم جو گيت آهي ، جنهن جو موضوع عام طور تي تصوف هوندو آهي. اهڙا گيت ڳائڻ جي لاءِ هوندا آهن ۽ مختلف راڳڻين ۾ ڳايا ويندا آهن. هندو ڪوين کان علاوه ڪن مسلمان شاعرن جهڙوڪ، مراد فقير زنگيجو، روحل فقير زنگيجو، شاهو فقير زنگيجو، نانڪ يوسف وغيره پڻ شبد چيا آهن.

هوري:

هن کي هولي بہ چيو ويندو آهي. هيءُ هڪ قسم جو موسمي گيت آهي. هن جو موضوع هوليءَ جو ڏڻ هوندو آهي. هن قسم جي گيت ۾ گهڻو ڪري ڪرشن جو گوپين سان هولي کيڏڻ جو احوال هوندو آهي. اردو ناٽڪ خاص طور اندر سڀا ۾ هوليون شامل آهن. هندن کان علاوه مسلمان شاعرن جهڙوڪ امير خسرو، ميران شاه ڀڪ، نانڪ يوسف وغيره پڻ هوريون چيون آهن.